بهارن کي چئجو

(شاعري)



قمر شهباز

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

بهارن کي چئجو

(شاعري)

قمر شهباز

ورسٽي سنڌي پبلڪيشينس
ڪراچي يونيورسٽي،
ڪراچي

2010ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو:	بهارن کي چئجو
موضوع:	شاعري
شاعر:	قمر شهباز
پهريون ڇاپو:	١٤٣١هـ/ 2010ع
ڪمپوزنگ:	آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپيندڙ:	سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ:	پروفيسر سليم ميمڻ ورسٽي سنڌي پبليڪيشنس، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي
قيمت:	=/300 رپيا

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
ورسٽي سنڌي پبليڪيشنس،
ڪراچي يونيورسٽي
ڪراچي
فون:

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، جامشورو۔
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

پيه اکر	پروفيسر سليم ميمڻ	7
نقط هڪ شاعر (مهاڳ)	امداد حسيني	11
❑ نظم		35
❑ غزل		147
❑ دوها		165
❑ بيت		173
❑ وايون		189
❑ گيت		221

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراکر

قمر شهباز اڌ صديءَ تائين ادب جي افق تي پنهنجي نور جا ڪرڻا پکڙيندو رهيو. اهڙو نور جيڪو ڪنهن دور ۾ جهڪو نه ٿيو. ڪڏهن ڪهاڻي جي صورت ۾ ته ڪڏهن ڪالمن جي صورت ۾، ڪڏهن ناٽڪ ٿي نروار ٿيو ته ڪڏهن شاعري جي مڌر سُرن ۾. هڪ عجيب شخص هو. پنهنجي تخليقن توڙي سوچ ۽ فڪر جي حوالي سان. قمر جي شخصيت جا ڪيترائي رخ هئا: هو سٺو انسان، گهڻگهرو دوست، شفيق پيءُ، محبت ڪندڙ مڙس ۽ سڀ کان وڌيڪ ته سنڌ جو درد دل ۾ رکندڙ محب وطن هو. بي باڪيءَ سان پنهنجي ڳالهه ڦهڪائي چوڻ وارو. سنڌ جي معاملن ۽ مسئلن تي واضح ذهن رکندڙ ۽ ان ڏس ۾ ڪنهن به مصلحت کان مٿانهون ٿي پنهنجي ڳالهه ڪرڻ وارو. اها ئي سندس خوبي سندس شخصيت جو اهم رخ هئي.

بهارن ڪي چئجو

گذاري وڃڻ کان اڳ الائي ڪٿان ڪيس اهو احساس ٿي ويو هو ته سندس ڏينهن ٿورا آهن ۽ سندس تخليقون ٽڙيل پکڙيل آهن. ان جي گڏ ڪري ڇپائڻ جو خواهش اندر ۾ ڪٽي اوچتو بنا موڪلائڻ جي موڪلائي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس لاڏاڻي کان ڪجهه ڏينهن اڳ، اسان گڏجي حيدرآباد ۾ وياسون. پاڻ سنڌالاجي جي لائبريريءَ ۾ ويهي پنهنجي تخليقن کي ڪتابن جي ڊيزائن ۾ رسالن مان ڳولي هٿ ڪندو رهيو. ان حد تائين جو شوڪت حسين شوري کي آچر ڏينهن به لائبريري کولرائڻي پئي. پاڻ ڇا ميڙي سگهيو ۽ ڇا نه؟ اها خبر ڪيس ئي هئي، يا نه به هئي! ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي سڄي ڄمار ۾ جيڪي ڪجهه تخليق ڪيو تنهن جي ڄاڻ ته شايد ڪيس هجي. ايترو ته ٽڙيل پکڙيل خزانو آهي، جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ڪراچي ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي اسڪرپٽ لائبريرين کان ويندي دنيا جي مختلف لائبريرين ۾ رسالن ۽ ڪتابن ۾ محفوظ آهي.



قمر جي ڪالمن، ڊرامن ۽ افسانن جا مجموعا ته شايد ٽيا آهن پر سندس وڪريل شاعري مجموعي جي صورت ۾ شايد پهريون دفعو هٿيڪي ٿي رهي آهي، اها به ڪيتري حد تائين مڪمل آهي، چئي نٿو سگهجي. ان کي وڏيڪ هيڪاندو ڪرڻ ۾ ادي ارشاد قمر کي گهڻي محنت ڪرڻي پئي آهي، جنهن لاءِ سندس ٿورائتو آهيان. هن مجموعي ۾ ڪجهه ڇپيل ۽ ڪجهه اڻ ڇپيل ڪلام شامل آهي، جنهن مان سنڌ جي اڌ صديءَ جي تاريخ جهاتيون پائيندي نظر اچي ٿي.

ورستي سنڌي پبليڪيشنس پنهنجي شروعاتي دور ۾ اڄ کان ٽيهارو ڪن سال اڳ ڪجهه ڪتاب شايع ڪرايا هئا ۽ هاڻي ٽيهن سالن جي وٿي ڪانپوءِ قمر شهباز جي شاعريءَ جي مجموعي "بهارن کي چئجو" سان ان سلسلي کي ٻيهر جيئاريو پيو وڃي. مون کي خوشي آهي ته قمر شهباز جنهن خواهش جو اظهار ڪيو هو تنهن کي ادي ارشاد قمر جي سهڪار ۽ محنت سان پوري ڪرڻ جي شروعات ٿي رهي آهي.

حقيقت ۾ سائين قمر شهباز جي تعزيتي ريفرنس جي موقعي تي جيڪو سنڌ جي ثقافت کاتي ۽ شاهه عبداللطيف يٽائي چيئر گڏجي ڪوٺايو هو، تنهن ۾ سنڌ جي ثقافت جي وزير محترمه سسئي پليجو صاحبه اهو اعلان ڪيو هو ته سائين قمر شهباز جي سيني ڪتابن کي شايع ڪرايو ويندو. چئن رٽيل ڪتابن مان ٻه ڪتاب ثقافت کاتي پاران جڏهن ته ٻه ڪتاب ورستي سنڌي پبليڪيشنس پاران شايع

بهارن کي چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرايا پيا وڃن، جن مان پهريون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. باقي ٽي ڪتاب به جلد اوهان جي هٿن ۾ هوندا.

حقيقت ۾ شاعريءَ جي هن مجموعي جي اشاعت ۾ سنڌ ثقافت کاتي جي مڪمل پٺيرائي ۽ سرپرستي حاصل آهي جنهن لاءِ ادارو محترمه سسئي پليجو صاحبه، صوبائي وزير ثقافت ۽ محترم شمس جعفراڻي صاحب جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهي. اميد ته سندن اهو سهڪار هميشه جيان جاري رهندو.

پروفيسر سليم ميمڻ
چيئرمين
ورسٽي سنڌي پبليڪيشنس
ڪراچي يونيورسٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقط هڪ شاعر- قمر شهباز

اسين اُهي ئي سانگي تنهنجا
اسين ئي تنهنجي سنڌو- ڌارا
اسان ري سنڌ اڌوري ڙي
سنڌڙي تنهنجي سينڌ نہ اُجڙي!

قمر شهباز جي هيءَ سِٽَ اڄ ڪيڏي نہ سچ ٿي لڳي "اسان ري سنڌ اڌوري ڙي!" مٿي قمر شهباز جي هڪ مشهور وائيءَ جي مصرع ۾ سنڌ جي سانگين جو ذڪر آهي، اهي ئي سانگي سنڌو- ڌارا آهن ۽ سنڌين کانسواءِ سنڌ اڌوري آهي. Between the lines شاعر جو مفهوم اهو ئي آهي تہ سنڌ کانسواءِ سنڌي بہ اڌورا آهن. بلڪل ايئن جيئن سنڌين کان سواءِ سنڌ اڌوري آهي. ان ريت قمر شهباز جي ذڪر کان سواءِ جديد سنڌي شاعريءَ جي تاريخ بہ اڌوري آهي. اهڙي تاريخ اڃا لکجڻي آهي. ڇاڪاڻ تہ هيل تائين ادبي تاريخ جي نالي ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي، اهو تدرسي ۽ راقم الحروف تائيپ مواد آهي جنهن ۾ لکندڙ ذاتي پسند/ناپسند جي ڌٻڻ ۾ غرق آهن! اهڙين تاريخن ۾ غيراهم نالا تہ موجود آهن پر اهم نالا غيرموجود!

بهارن
کي
ڇڏجو

شاعري قمر شهباز جي فطرت ۾ آهي. ٻولي، جنهن ۾ هن ماءُ جي لولي ٻڌي، ماءُ جي ٽڄ سان هن جي رت ۾ رلمل آهي. تيرهن سالن جي ڄمار ۾ "وڇڙندڙ" نالي هڪڙي "هٽرادو" هفتيوار اخبار لکي ڪلاس ۾ لکي لکي گهمائيندو هو. قمر شهباز سورهن سالن جي ڄمار ۾ پهريون شعر لکيو:

هلي آ، هلي آ، پڪاري ٿو پيار!

انهيءَ پهرينءَ ست کان وٺي، آخر تائين هو ائين ئي پيار مان پُڪاريندو رهيو. سڪ مان پاڻ ڏانهن سڏيندو رهيو. هو ڪٿي به رهيو- سفر ۾، نوڪريءَ ۾، گهر ۾، جيل ۾، زندگيءَ جي ٻين خفن ۾، هڻ هٽان ۽ ڀڄ ڀڄان ۾ - پر هن جي تند ڪڏهن به بند نه ٿي. ٻرندي رهي ۽ اڄ تائين ٻرندي رهي ٿي ۽ ٻرندي رهندي ڇاڪاڻ ته اها شاعر جي روح جي رڙ آهي. لال پشپ جي اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي ته هر تخليقڪار جي تخليق ڪرڻ جو مقصد پاڻ کي امر ڪرڻ آهي پر انهيءَ لاءِ تخليق ۾ خود اهڙي جوهر جو موجود هئڻ لازمي آهي. قمر شهباز لڳ ڀڳ اها ساڳي ڳالهه پنهنجي منفرد انداز ۾ ڪري ٿو:

پريم اَمر آ، پريم ته آهي، ماڻهوءَ کان به مهانُ

ماڻهوءَ کي مهانتا به پريم جي ڪري ئي ملي ٿي. جيڪڏهن ماڻهوءَ جي من ئي پريم جي جوت نه آهي ته پوءِ اهو ماڻهو ئي نه آهي. ڪُماڻهو آهي! ۽ جيڪڏهن هڪ شاعر جي سرشت ۾ پريم جو پرڪاش نه آهي، عشق جو شعلو نه آهي، ته پوءِ هن جي سٽن ۾ به سهائو نٿو ٿي سگهي! شاعر سدائين پريم جو پرچارڪ هوندو آهي. هر ٻوليءَ جو شاعر، هر دور ۾ پريت جا گيت ڳائيندو رهيو آهي. انسانذات کي انهيءَ واٽ سواٽ ڏانهن سڏيندو رهيو آهي، جيڪا هو وڃائي ويٺو آهي.

"موسيقيءَ جو مواد خام صوت/سُر آهن ۽ شاعريءَ جو مواد خام لفظ آهن." ٻنهي- يعني موسيقيءَ ۽ شاعريءَ ۾ اهميت وري ترتيب، توازن ۽ آهنگ جي آهي. خود لفظ ڇا آهي؟ لفظ به اُچار/آواز/صوت/سُر آهي. ڇڙي اڪيلي لفظ جي معنيٰ اسان کي

بهارن کي ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوش/لغت/ ڊڪشنريءَ ۾ ملي ويندي. پر جڏهن اهو ئي لفظ شاعريءَ جي سِٽ-سَريءَ ۾ پوئجي ٿو تڏهن شاعر اُن کي هڪ نئين معنيٰ عطا ڪري ٿو ۽ ضروري نه آهي ته اها معنيٰ اها ئي هجي جيڪا ڪوش يا ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل آهي:

اونداهيءَ جو اونهو ساگر
ڪيڏو بي وس آ انسان
ڪير ڪڙو ٿو ڪڙڪائي؟

اتي "ساگر" جي اصطلاحي معنيٰ ٿيندي. اهو اونداهيءَ جو "ساگر" آهي، بلڪ "اونداهيءَ جو اونهو ساگر" آهي ۽ ان اونداهيءَ جي اونهي ساگر ۾ "انسان" ڪيڏو نه بي وس آهي! ۽ ان وائيءَ جي وراٽي:

ڪير ڪڙو ٿو ڪڙڪائي؟

ان خوف واري ماحول ۾ "ڀڏتر" واري ڪيفيت پيدا ڪري ٿي. آس-نراس، اميد ناامميد، ٻئي هڪ ئي وقت اُڀرن ٿيون، در کان ٻاهر ڪير آهي؟ موت؟ يا مهمان؟ ٻاهر بارش ۽ طوفان آهي، در تي ڪڙي ڪڙڪائڻ جو مسلسل آواز آهي ۽ در جي اندر خوف آهي، ڪنڪو آهي! ۽ وائيءَ جي آخري مصرع:

بوند بوند لاءِ واجهائي ٿو
سرسوتيءَ جو هيءُ سنتان
ڪير ڪڙو ٿو ڪڙڪائي؟

جيئن سِپ سموندِ ۾ رهندي به مينهن جي بوند جهٽي موتي ڪرڻ لاءِ واجهائيندي آهي، تيئن ئي ڪلا جي ديويءَ سرسوتيءَ جو سنتان ڪوي به جيون جي پوَ-ساگر (اونداهيءَ جي اونهي ساگر) ۾ اهڙي لفظ لاءِ واجهائيندو آهي جنهن کي "موتي" ڪري، سِٽ-سريءَ ۾ پوئي، ڪلا جي ديويءَ سرسوتيءَ کي پيٽ ڪري سگهي! ٽي ايس ايليٽ چيو آهي ته شاعر جي بنيادي ذميواري پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن آهي ته هو ان کي بچائي ۽ وڌائي ويجهائي. ۽ قمر شهباز ساري سڀ جمار پنهنجي اها ئي بنيادي ذميواري نڀائيندو رهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏيءَ تاٽي، سيخن پويان، چنڊ ڪڙيو آ سورن جو
سنڌوءَ جهڙين سوچن جو، پربت جيڏن پورن جو
چنڊ ڪڙيو آ سورن جو!

"چنڊ ڪڙيو آ" نظم هُن جيل جي حوالي سان لکيو آهي:

خاموشيءَ ۾ سيٽي گونجي، هڪل ڪئي ڪنهن تاور تان،
ساهه رُڪيا، سُرهاٽ اُٿيا، من مُونجهو آ مجبورن جو
چنڊ ڪِڙيو آ سورن جو!

ڀ هُن جو ڏوهه ڪهڙو هو؟ سنڌي هجڻ! هڪ غير سنڌي وزير جي ڪرپٽي جو هو شڪار ٿيو. پوءِ جڏهن ڪيس ڪوڙو ثابت ٿيو ۽ قمرشهباز آزاد ٿيو تڏهن هن کي هيٺين سطح تي لهي لوئيو ويو. پر هن پنهنجي مخصوص ٿهڪ سان ان ڳالهه کي اڏائي ڇڏيو! هن وٽ اهڙين خسيس ڳالهين تي سوچڻ جو وقت به نه هو. هن وٽ ذاتي مسئلن جي نه، قومي مسئلن جي اهميت هئي. سنڌين جي Survival جو مسئلو هو هن جي آڏو. هو سنڌي ٻوليءَ کي درپيش خطرن کي ٽارڻ لاءِ، شروع کان، پنهنجي پهرين لکيل سِٽ- هلي آ، هلي آ، پڪاري ٿو پيار- کان وٺي، آخري ساهه تائين، سرگرم رهيو ۽ هاڻي هو پنهنجي لکڻين، نثر توڙي نظم ۾ لوئيءَ ۽ لوليءَ جي بچاءُ لاءِ سرگرم آهي:

هن شهر جي هر چؤواٽي تي
مان لاتن جئن لالاڻ ڪري
ٻرندس، ٻرندس، ٻرندو رهندس
تيسين جيسين اُپ ۾ ڪائي وِڄ تري
ڀ بَر ۾ ڪائي باهه ٻري!

(چؤواٽو)

ٻهارن کي چئجو

قمر شهباز چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾، نوابشاهه مان، "چٽنگ" ۽ "ادا" رسالا جاري ڪيا ۽ سورهن ورهين جي ڄمار ۾ پهريون شعر چيائين. پوءِ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جا حق کسيا ويا ۽ ون يونٽ مڙهيو ويو ۽ سنڌ جو نالو وڻڻ، لکڻ به ڏوهه قرار ڏنو ويو تڏهن قمر شهباز سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ جي حقن جي بحالي ۽ ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ عملي طور سرگرم ٿي ويو. ون يونٽ جي ٽوڙهي جو سنڌ جي ڪونج ڳچيءَ ۾ پوڻ ۽ پوءِ ان ٽوڙهي جي تنڌ جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ اهو هڪ الڳ داستان آهي. ون يونٽ جي ٽوڙهي تنڌ ڪان پوءِ ڇا ٿيو؟ اهو به هڪ الڳ داستان آهي! ڪير ٽڙڪيا، ٽينٽريا، ٽڙيا ٽاپڙيا، ڪير بيهي/ ويهي رهيا، ڪنهن دڳ مٿائي رڻ ۾ رولي ڇڏيو- ان جو ذڪر اجايو آهي. جيڪي نه رُڪيا، نه جهُڪيا – ان ڏس ۾ قمر شهباز جو مثال ڏيڻ ڪافي آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي، هُتي توڙي هِتي، هند ۾ توڙي سنڌ ۾، بچاءُ لاءِ نه رڳو تخليقي سطح تي هڪ شاندار ۽ فخر لائق ڪردار ادا ڪيو پر عملي طور به جاکوڙ ڪئي. هند ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ انيڪ خطرا موجود هئا/آهن. جڏهن قمر شهباز جي سرواٽيءَ ۾ سنڌي اديبن ۽ فنڪارن جو وفد هند ويو هو. تڏهن هند جي سنڌين آڏو تقرير ڪندي قمر اڪثر جذباتي ٿي ويندو هو. تقرير جي پڇاڻي هُو ينل آواز ۾ هنن لفظن تي ڪندو هو:

"وارو ڪريو، ٻيلي پنهنجي ٻولي بچايو!"

قمر شهباز Sindhi Speaking Society (SSS) جوڙڻ جو سڌ ڏنو جنهن کي بين الاقوامي سطح تي منظم ڪرڻو هو پر اها به ذاتي انائن جي ور چڙهي وئي! اها هڪ ڏکي صورتحال هئي. ڇا قمر شهباز اڪيلو ٿي چڪو هو/ڪيو ويو هو؟ ڇا هو مايوس ٿي چڪو هو؟ نه. پٽيءَ نه. هڪ ڪوييءَ لاءِ ڪويتا جو سات سدائين هوندو آهي. هڪ سچي تخليقڪار لاءِ مايوسي ڪفر آهي. "امرتا" ۾ چيپل ڪهاڻين مان ثابت آهي ته هو مايوس نه هو بلڪه هن ته پنهنجن ماڻهن کي مايوسين جي اوڙاهه ۾ ڪرڻ کان بچائڻ ٿي گهريو. هُن وٽ چوڻ لاءِ ۽ لکڻ لاءِ گهڻو ڪجهه هو پر هُن وٽ وقت ٿورو هو. اهي پروڻ هُن کي شايد پئجي ويا هئا! انهيءَ ڪري ئي آخري ڏينهن ۾، جڏهن هو ڪنهن ڪم سانگي جامشوري /حيدرآباد آيو هو ته سنڌالاجيءَ ۽ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد به ويو هو پنهنجين چيپل ۽ نشر ٿيل لکڻين جي تلاش ۾. هن وٽ پنهنجين ڪيترين لکڻين جي ڪاپي نه هئي. هن سحر جي ڪتاب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"شعور، شاعر، شاعري" تي ڀرپور مهاڳ لکيو هو. منهنجي شعري مجموعي تي به هُن تفصيلي ماهراڻي راءِ ڏني هئي ۽ هن کي ان مجموعي جو انتظار به هو. پڇڻ تي جڏهن ٻڌايومانس ته اهو "في الحال ترسايو" ويو آهي ته ان ماهراڻي راءِ بابت ڇپائين: "يار ان جي ڪاپي ڏياري موڪل ته ڪٿي ڇپائي ڇڏجي." پر ائين نه ٿي سگهيو! قمر شهباز پنهنجو شعري مجموعو پڙ ترتيب ڏئي رهيو هو. اهو به سندس وڃڻ سان اڌ ۾ رهجي ويو هو جنهن کي سندس ونيءَ ۽ اسان جي پاڻائيءَ ارشاد قمر، هتان هُتان، اخبارن ۽ رسالن تان مواد اُتاري مڪمل ڪيو آهي، جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي. سو اچو قمر شهباز جي شاعريءَ بابت ڪجهه ڳالهايون، جيڪا زندهه رهڻ ۽ زندهه رکڻ واري شاعري آهي.



منهنجي راءِ ۾ قمر شهباز بنيادي طور شاعر آهي، توڙي جو هن جون ڪهاڻيون به اهم آهن. ريڊيو ناٽڪ جي حوالي سان به هن جو ڪم شاندار آهي. 1988ع واري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سڏايل عالمي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي هڪ اسٽيج ناٽڪ به ٿيڻو هو جيڪو امر جليل کي لکڻو هو پر امر جليل ڪنهن ڪارڻ معذرت ڪئي ۽ اسڪرپٽ لاءِ قمر شهباز جو نالو ڏنو. ڏينهن به ٿورا وڃي بچيا هئا پر قمر اسڪرپٽ لکي ڏنو ۽ ان جي ريهرسل به اٿينڊ ڪئي هئائين. ان ناٽڪ جو جيڪو ڊائريڪٽر هو اهو ٻُت بڻيو وينو هو. نه ته ايڪشن، نه ئي اسٽيپس ۽ نه ئي وري ڊائلاگ ڊليوري ۽ تلفظ بابت ڪجهه چئي رهيو هو. قمر هن جي اهڙي ورتاءِ تي جڪ ڪائي رهيو هو. نيٺ هن ڪان رهيو نه ٿيو ۽ اسٽيج تي وڃي هن آرٽسٽن کي بريف ڪيو . جڏهن اهو ناٽڪ زبيده ڪاليج حيدرآباد ۾ پيش ٿيو ته هال ۾ تر چٽڻ جي جاءِ نه هئي. انهيءَ ڪانفرنس لاءِ قمر پنهنجي اداري پاران مالي مدد به ڪئي هئي، جنهن جي ڪري ئي پوءِ مٿس ڪيس مڙهيو ويو ۽ ڪيس جيل اماڻيو ويو! هن کي جيل جو پيئو نه هو پر مارُن جي ماٺ جو ڏک هو:

بهارن کي چئبه

مارُن مُنجهه مُياس، نه ته ماڙين ماريس ڪينڪي!

اهڙو ڏک ڏوراپو هُن جيل مان مون ڏانهن به مُڪو هو ۽ مون هڪ نظم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"قيدي" لکيو هو جنهن جا ڪجهه بند تہ ماهي "مهراڻ" ۾ ڇپجي چڪا آهن. نظم مڪمل ڪٿي به نہ ڇپيو آهي خاص ڪري اهو بند جنهن ۾ اُن دور جي ادبي صورتحال ڊسڪس ڪئي وئي آهي. قمر شهباز سان زبيده ڪاليج ۾ جڏهن شام ملهائي وئي هئي تڏهن اهو نظم پڙهيو هئم. قمر جي هن مجموعي ۾ جيل جي حوالي سان به نظم آهن. "ڪالهه ۽ اڄ" به انهن مان هڪ آهي. ان نظم ۾ ڪالهه ۽ اڄ جي ڀيٽ ڪيل آهي. اڄ جڏهن اهو ڪردار باندي آهي، بي گناهيءَ جي گناهه ۾ ۽ هن جي ساڄي هٿ ۾، جنهن سان ڪالهه هُن مُڪ اُلاري ڏاڍي کي للڪاريو هو، هٿڪڙي آهي ۽ جنهن جي آزاديءَ لاءِ ڪالهه هو وڙهيو هو اڄ اُن جي هٿ ۾ جام آهي. قمر شهباز جو لهجو ڏاڍو تکو ڪڙو ۽ شديد آهي. اها جذبي ۽ احساس جي تکاڻ، ڪڙاڻ ۽ شدت آهي، جيڪا هن جي لهجي ۾ اٿلي پئي ٿي. هُن جي سٽن ۾ اجهل رواني اوتي وئي آهي:

اڄا تہ دار جو تختو سجيو ئي ناهي پرين
اڄا تہ وقت جي نبضن ۾ جان باقي آ
اڄا تہ در جي صحرا جو آ سفر جاري
اڄا تہ پير جا زنجير خون چُوسن ٿا
اڄا تہ ساهه جو سُڏڪو به ختم ناهي ٿيو
اڄا تہ وقت پيو آهي منهنجي رخصت ۾
اڄا تہ دار جو تختو سجيو ئي ناهي پرين!

(باغيءَ جي آخري رات)

انهيءَ نظم جي مٿئين بند ۾ ست سٽون آهن. هر سٽ جي شروعات "اڄا تہ" سان ٿئي ٿي ۽ انهن کي معنيٰ خيز بڻائي ٿي. "اڄا تہ" خود قمر شهباز کي گهڻو ڪجهه ڪرڻو هو. "اڄا تہ" پنهنجي هن مجموعي کي نالو ڏيڻو هوس. "اڄا تہ" گهڻيون شيون ڳولڻيون هوس. "اڄا تہ" ڪٿي ڪٿي نظرثاني ڪرڻي هئي هُن کي. "اڄا تہ" ڇپيل مواد ۾ رهجي ويل پروف جون چُڪون درست ڪرڻيون هيون ڪيس! "اڄا تہ" اسان کي به هُن کان گهڻو ڪجهه پڇڻو هو. تہ هن جي شاعريءَ ۾ چنڊ، چانڊوڪي جو يا موت جو ايڏو ۽ اهڙو ذڪر ڇو آهي؟ "اڄا تہ"۔"اڄا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ..." جو سلسلو ڪٽي بہ ختم نٿو ٿئي. هن جي وڃڻ تي بہ نہ (ڇا اهو زندگيءَ جي پُڄاڻي آهي) بلڪ اهو سلسلو اتان ئي تہ شروع ٿئي ٿو. هو هڪ وائيءَ ۾ تہ بارش ۽ طوفان واري رات ۾ در جي ڪڙي ڪڙڪڻ تي سوچي ٿو تہ ٻاهر ڪير آهي؟ موت يا مهمان! ٻي وائيءَ جي وراڻي ئي هيءَ رکي ٿو تہ:

موت منهنجو مهمان الا، موت منهنجو مهمان

سو اهڙا ڪيترا سوال آهن، جن جا جواب هاڻي هن جي شاعري ئي ڏئي سگهي ٿي. اها اسان جي ڪوتاهي آهي تہ هن جي زندگيءَ ۾ اهڙا سوال هن جي شاعريءَ کان نہ ڪيا ويا! ۽ اهو بہ ضروري نہ آهي تہ هن جي شاعري اهڙن سوالن جا جواب ڏئي ٻا دراصل اهڙا سوال خود اسان کي پاڻ کان ڪرڻ گهرجن، جن لاءِ شاعر، شاعري ڪئي آهي. مثال طور شاعر پاڻ بہ سوال ڪري ٿو:



يلا چو ڪو روئي تو لاچار بڻجي؟
نياڻي وڪامي تي واپار بڻجي!

يا "اوپنچي" نظم جي آخري سٽن ۾ پڇيل هي سوال:

لڙڪ لڪائي، آه دبائي
ڪنهن کي مٺڙا گيت سڻايان؟
سيني ۾ سو گهاءَ ڇپائي
ڪنهن سان ويهي مُنهن مرڪايان؟

شاعر عذاب سهي ٿو، پيڙا پوڳي ٿو ۽ جڏهن اُهي سٽت ۾ پني تي پلٽي ٿو تڏهن ٻيهر انهن مان گذري ٿو. هو ڄاڻي ٿو تہ درد ڏيڻ وارا ٿورا ۽ سهڻ وارا گهڻا آهن۔ ۽ شاعر هر حالت ۾ گهڻائيءَ سان آهي بلڪ انهن منجهان آهي. اهو درد جو رشتو ئي آهي، جيڪو شاعر ۽ جن سان هو مخاطب آهي (ٻڌندڙ/ پڙهندڙ) کي هڪٻئي سان جوڙي رکي ٿو:

دل ئي ڄاڻي دل جون ڳالهيون
دل ئي چانڊوڪيءَ ۾ چهڪي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانـــڊوڪيءَ جـــا چهـــڪ ســـيڃاڻي
گهـــرا گهايـــل ٿهـــڪ ســـيڃاڻي
دڪنـــدي دل جـــي مهـــڪ ســـيڃاڻي
دل ئـــي ڄـــاڻي دل جـــون ڳـــالهيون
دل جـــا رشـــتا درد جـــا آهـــن

(درد جا رشتا)

ان بند ۾ هڪ ست: "گهرا گهايل ٿهڪ سيڃاڻي" ڏيان لهڻي. ڇا اسان هڪ شاعر جا "گهرا گهايل ٿهڪ" سيڃاتا؟ "ڪاري" نظم نہ رڳو هن مجموعي جو پر سنڌي شاعريءَ ۾ ان موضوع تي لکيل هڪ اهم نظم آهي. مان هتي ان نظم جو صرف هي بند ڏيان ٿو:

آڏيءَ تـــاڻي پيـــار منجهـــاران، پاڻيـــاريءَ جـــو پنـــڌ تـــہ ڏس
پرهـــ ڦٽـــيءَ جـــو ڪـــوڏر هينـــان، ڪـــونجن جهڙو ڪنـــڌ تـــہ ڏس

لوڊشيڊنگ آهي. ميڻ بتي ٻري رهي آهي. ٻري ۽ ڳري رهي آهي. ڇا، ٻرڻ لاءِ ڳرڻ لازمي آهي؟ قمر شهباز بہ تہ ائين ڪندو رهيو هو. ٻرندو/ڳرندو رهيو هو. لکندو رهيو هو. هر چهڪ تي ٿهڪ ڏيندو رهيو هو:

هـــر بـــار مـــون مُرڪـــي گهـــاءُ سَـــٽو
هـــر بـــار مـــون تولئـــ واجهـــايو
چانـــڊوڪيءَ جـــي چاهـــت ۾
مـــون اوندهـــ ســـاڻ نيـــايو.

هڪ شاعر ايئن ڇو ٿو ڪري؟ ٻري/ڳري ڇو ٿو؟ ۽ ڪنهن جي لاءِ؟ اهو سوچيندي، قمر کي ياد ڪندي، ميڻ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ قمر شهباز جا هٿ اکر پڙهندي، من ۾ هڪ مانڌاڻ ٿو مچي، اکر ڏنڌلا ٿيندا وڃن، اکين ۾ نير ڀرجي ٿو اچي:

لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي

آءٌ پنا پاسي تي رکي اُٿان ٿو ۽ وڃي روئي، منهن ڏوئي اچان ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دري کوليان ٿو. وَٽِ جو ويري واءُ اندر ڏوڪي ٿو اچي ۽ وٽ ۽ واءُ جي ويڙهه شروع ٿي ٿي وڃي- ۽ مون کي قمر جي وائيءَ جي هيءَ سِٽ ياد اچي ٿي وڃي، جنهن ۾ هن هڪ مختلف خيال پيش ڪيو آهي:

منهنجو جيءُ جوالا آهي، واچوڙن سان منهنجو ويرُ

لائيٽ اچي وڃي ٿي، پر مان ميڻ بتي وسايان نٿو نہ ئي دري بند ڪريان ٿو. وَٽِ جي ۽ ان جي ويري واءُ جي ويڙهه هلندي رهي ٿي.

جڏهن پاپي ارشاد قمر، قمر شهباز جي هٿ اکرن ۾ لکيل پنا ۽ پنهنجي هٿ اکرن ۾ اُتاريل هڪ نوٽبُڪ، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل مواد جي فوٽوڪاپي مون کي ڏني هئي- تڏهن سوچيو تہ اهو ئي هوم تہ مان پاڻ کي صرف قمر شهباز جي ڪلام تائين محدود رکندس: پر ڪجهہ ٻيون ڳالهيون بہ ٿي ويون آهن. ڪن واقعن ۽ ڪردارن جو ذڪر بہ ٿي ويو آهي. قمر پاڻ بہ پنهنجي گهر تي هڪ مشاعرو رکيو هو جنهن جي صدارت بشير موريانيءَ ڪئي هئي. مشاعري کان پوءِ راڳ رهاڻ ٿي هئي، جنهن ۾ بيدل مسرور ڳايو هو. ڪراچيءَ جي هيڏي وڏي شهر ۾ سنڌ جي راڄڌانيءَ ۾ هاڻي ڪير آهي جيڪو ان قسم جون گڏجاڻيون سڏائي. دوستن کي گهرائي محفلون مچائي؟ ها حسين شاهہ راشدي بہ پنهنجي گهر تي اهڙيون گڏجاڻيون ڪندو هو اهو بہ هاڻ اسان ۾ نہ آهي! قمر شهباز هر ان فنڪشن ۾ موجود هوندو هو جنهن ۾ ڪيس سڏيو ويندو هو. اُتي ۽ شادين مرادين ۾ قمر سان ملاقات ٿي ويندي هئي ۽ چار چونڪ ڳالهين جا ڪري وٺندا هئاسين.

مون قمر شهباز جي "بيت" جي حوالي سان ڪجهہ چوڻ ٿي گهريو. اسان جڏهن سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ پنهنجي گهر تي مشاعرو رکيو هو. تڏهن چوڏهين شوال جي رات هئي. قمر شهباز ان مشاعري ۾ شرڪت لاءِ ڪراچيءَ مان آيو هو ۽ جڏهن چنڊ چوٽ تي هو. تڏهن قمر بيت پڙهي رهيو هو. مٿي آڪاس جو چنڊ هو ۽ هيٺ ڌرتيءَ جو قمر هو. مون جهٽ لاءِ قمر کي ڏٺو ۽ پوءِ چوڏهينءَ جي چنڊ کي ۽ مون کي لڳو تہ چوڏهينءَ جو چنڊ بہ تِڪَ ٻڌي قمر کي ٻُڌي رهيو هو. ان مشاعري ۾ قمر جيڪي بيت پڙهيا، مون کي لڳي ٿو تہ اُهي بيت ان مواد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نہ آهن، جيڪو مون کي ڏنو ويو آهي. بيت منهنجي پسند جي صنف آهي پر سيني پارين سهڻو بيت چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. قمر بيت کي ڏاڍو سهجتُ سان ورتايو آهي:

ڪيڏو جهليومانءِ، پيار نہ ڪجانءِ پڳلي،
ڳوڙهي جيان ڳل تان، ترڪي ويندو سانءِ،
سُور نہ پوءِ سلجانءِ، پاڇولي جي پريت جا.

هوءَ سنهڙي ڇوڪري، چنچل جنهن جي چال،
هاڻي، هن ئي سال، ڪاري ڪندس ڪوٽ ۾.

سِڪٽا، سَڪٽا، سِرڪٽا، ٿَڪي ٿيهہ وِڪا،
لوپي، نوڳي، ناهہ سان، ڦوڳي ٿيا ڦِڪا،
ڏرم جا ڏِڪا، نيا ڳن نصيب ٿيا!

شڪارپور جي شام جو منظر بہ هن بيت جي فارم ۾ اسان کي ڏيکاريو آهي:

"سنڌ" مٿي ڪي سندريون، ڇهہ ڇهہ ڇاڳا ڪن،
هٿين پيرين ميندڙي، لائي پيون لچڪن،
ڳاڙهہ ڳل سندن، ڇهرا ڇاڻا چندبجا.

اهي بيت پهرئين دور واري "سوجهرو" ۾ ڇپيل آهن ۽ قمر شهباز شايد اُن دور ۾ لکيا آهن، جڏهن هو شڪارپور جي ڪاليج ۾ ليڪچرار هو. جيڪب آباد جي هڪ مشاعري کان پوءِ اسين شڪارپور ويا هئاسين ۽ قمر سان اُتي ملاقات بہ ٿي هئي. جهامنداس ياتيا جو بہ درشن ٿيو هو. شڪارپور جنهن کي "سنڌ جو پئرس" سڏيو ويندو هو سا اڃا ڪنهن حال ۾ هئي تڏهن! اڃا سِمر ۽ ڪلر جي وَر نہ چڙهي هئي. "سنڌ واهہ" جي سُونهن اڃا سلامت هئي. هاڻي تہ "سنڌو" ئي سُڪو پيو آهي! پر هي بيت اُن دور جا آهن، جڏهن "شڪارپور" (اسان جي ٻين شهرن وانگي) اڃا نڌڻڪي نہ ٿي هئي. ٻُک، بدحاليءَ ۽ بدامنيءَ جو شڪار نہ ٿي هئي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قمر شهباز جي عشقيہ شاعريءَ تي ايا ڪجهہ نہ لکيو اٿم تہ ان جي معنيٰ اها ناهي تہ هن عشقيہ شاعري ڪئي ئي ناهي! ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ ڪنهن شاعر تي، خاص ڪري اهڙي شاعر تي، جنهن جي شاعريءَ جي پهرين سِٽ ئي هيءَ هجي:

هلي آ، هلي آ، پُڪاري ٿو پيار

پريت ـ رُت نہ آئي هجي! ۽ جنهن شاعر جو نظريو ئي اهو هجي تہ:

پريم اَمر آ، پريم تہ آهي، ماڻهوءَ کان بہ مهانُ!

اُن پريت – گيت نہ چيو هجي! ڪو سُرهو ساٿ نہ چاهيو هجي:

خار هجان، خوشبو ئي هجان،
توسان مٽڙا ساڻ رهان!

جنهن شاعر کي اهو ادراڪ هجي تہ:

ديول دل کان پاڪ نہ آهہ
ڪنهن ۔ ي دل کي ناهي ڏس

ان شاعر جي دل کي ڪنهن سانوريءَ آباد نہ ڪيو هجي:

ڪنهن لئہ پڳا هي نيڻ تو
ڪنهن لئہ سنا هي ويڻ تو
چئو چئو مٽي، چئہ يي ڪٽي
ڏس ڪير ٿئي دل جو ڏٽي
او چري، او بانوري
اوري تہ آ او سانوري!

(او بانوري)

بهارن کي چئجو

"او بانوري"، "چٽي"، "اوهان جي پُڄاڻا"، "ننڍڙي آهين" ۽ "ڪاٿي آن" نظمن ۾ اها ئي تن جي تات ۽ تانگهہ موجود آهي. قمر جي شاعريءَ جو محرڪ ئي پيار آهي، جنهن جي وسعت ۾ ڪيئي ڪائناتون اچي ٿيون وڃن. "چٽي" نظم ۾ هڪ ڪردار پاران جيڪو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختصر احوال آهي، اُهو سنڌ جي هڪ ٻرندڙ مسئلي ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪائي ٿو ۽ اهو نظم صرف ٻن ڪردارن – چني لکندڙ ۽ جنهن ڏانهن اُماٽي وئي آهي- تائين محدود نٿو رهي. ان ريت هڪ شاعر جي پيار جي جذبي جو ڦهلاءُ سمئه جي سيمائن کي توڙي ٿو ڇڏي. هن جي ذات ۾ سانوڻ جهڙي آهي:

پل ۾ پوني جهڙي پياسي
پل ۾ پاٽي پلني جل تل
ڪن ۾ ڪنوٽين جهڙي ڪل ڪل
ڪن ۾ بادل جهڙي بوجهل
ذات اسان جي سانوڻ جهڙي
گهائل، تائل ۽ ترسايل!

ڪهاڻي ۽ شاعري، اظهار جا ٻه ڌار ماڌيم آهن. قمر شاعر آهي، انڪري ڪهاڻيڪار آهي- ڪهاڻيڪار آهي، انڪري شاعر آهي- بحث ان تي ڪرڻ اجايو آهي. قمر شهباز ٻنهي- ڪهاڻيڪار ۽ شاعر- وارين حيثيتن ۾ پاڻ مڃرايو. اهو ٻه سچ آهي ته هن جي ڪهاڻين ۾ شاعري ۽ شاعريءَ ۾ ڪهاڻيءَ جو اولڙو پسي سگهجي ٿو. هن جي نظمن ۾ خاص طور ڪهاڻي ٻه آهي، ڪردار ٻه آهن ته ڊائلاگ ٻه آهن. قمر لاءِ ايئن چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته هو هڪ آرٽسٽ آهي ۽ آرٽ جو صحيح استعمال ڪرڻ هو ڄاڻي ٿو. هو پنهنجي Sensitivity کي انتهائي ذميواريءَ سان ڪتب آڻي ٿو. قمر نظم توڙي نثر کي هڪجيتري مهارت سان ورنائي ٿو. مون کي انهيءَ چوڻ ۾ ڪا ٻه هيڪ نٿي ٿئي ته قمر شهباز سنڌي ادب ۾ پنهنجي ڏانءُ جو اڪيلو ۽ منفرد ليکڪ آهي:

وري ڪو نه ايندو ڪو جهڙس ٻيو

پر هُن جون لکڻيون اسان وٽ موجود آهن، ته هو ٻه اسان ۾ موجود آهي. انهن ئي لکڻين ۾ هو ساهه کڻي ٿو. اسان سان ملي ٿو. روئي ٿو ڪلي ٿو. انهن ئي لکڻين کي هن پنهنجي راتين جا اوجاڳا اربيا آهن. انهن ئي تخليقن لاءِ هن پنهنجو سڪ، چين، آرام، تياڳيو آهي. رت، لڙڪ گاڏڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مس سان لکيل آهن اهي تحريرون. قمر جي شاعريءَ ۾ موت، پاڇي، پنڇي، چنڊ جي استعارن سان گڏ اسان جي لوڪ ڪردارن/اهڃاڻن جو به ذڪر ملي ٿو:

جيجل ٻيجل آيو آهي، چنگ چڙڙا اڄ ساڻ ڪٽي
سڄ جي ڪارڻ موڪل ڏي تون، سرڙو ڏيان مان راءِ بٽي

ان دوهي سان گڏ، هڪ وائي به ڇپيل آهي، جنهن جي وراڻي ئي:

جيجل ٻيجل آيو آهي،

آهي. راڻي، ڄام، مومل، ليلا، سورٺ، نوري، راءِ ڏياچ جي ڪردارن/علامتن کي هو هڪ نئين معنيٰ عطا ڪري ٿو. قمر جي شاعريءَ ۾ "وقت" جو حوالو به انتهائي اهم آهي:

هي وقت الائي ڪنهن جي ڪارڻ
ويٺو ڄار وڇائي؟
ڪوئي مون کي سمجهائي.

ڪهڙو راڻو ٻيهر ايندو
مومل کي ڏنءِ لائي؟
ڪهڙي ليلان هيري خاطر
ايندي پريت رلائي؟
ڪهڙو چارڻ سُرتي موهي
ايندو راءِ ڪُهائي؟
ڪهڙو هوشو سنڌڙيءَ ڪارڻ
ايندو سر سهسائي؟

"خوابن جو موت" نظم جو ٻيو بند هو "پَل" سان شروع ڪري ٿو. "پَل" جيڪو اٿاهه "وقت" جو هڪ معمولي پر اهم جزو آهي ۽ هو "پل ۾ پل آ" ۽ "پل پل مان، پل ٿو ڄاپي" جي حقيقت ٻڌائي ٿو. ان نظم جي عمارت جي پيڙهه هو هنن "ٻاراڻن ٻولن" تي رکي ٿو:

بهارن کي چئجو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ٻار ڳائن ٿا
چِيڪلي پايان
پير گسايان
پير ۾ ڪنڊو
صاحب لوڪ منڊو

پوءِ وقت جون ويري ويرون ورن ٿيون ۽ ٻارڙي وڏي ٿئي ٿي، ڪنوار بڻجي ٿي هڪ دولتمند جي، جنهن کي ڪاٺ جي ٽنگ لڳل آهي! ۽ هن جي ذهن ۾ "صاحبلوڪ منڊو صاحب لوڪ منڊو..." وارا ٻاراڻا ٻول ٻرڻ لڳن ٿا. ڇا "صاحبلوڪ منڊو" جي لوڪ ٻاراڻن ٻولن ۾ غلاميءَ کان ڏکار جو اشارو موجود نہ آهي؟ اهي ٻول ڏارئين. قمر انهن ٻولن کي نئين دور ۾ نئين معنيٰ ڏني آهي. ان تي سوچڻ گهرجي. اهي ٻول، اهي راندیون ٻيهر رائج ڪرڻ گهرجن، ڇو تہ اهي اسان جي اتهاس جي پيڙهہ آهن. ممڪن آهي تہ ائين انهن ٻولن جي ڳجهارت بہ ڀڄي پوي تہ اسان جي "خوابن جي موت" جو ذميوار ڪو ٻيو پر اهو "صاحبلوڪ منڊو" ئي آهي! پوءِ اهو ڏيهي هجي يا ولائتي، ڳورو هجي يا ڪارو! "ڪاٿي آن؟" نظم جي پهرئين بند ۾ قمر لفظن جي ورجاءُ سان رڌم جو هڪ من موهيندڙ انداز اختيار ڪري ٿو ساڳئي وقت، ايئن اندروني قافين ۾ تجنيس جو حيرت انگيز سٽاءُ بہ موجود آهي، جنهن سان ليءِ، آهنگ جي لهر ۾ اسين لڙهون ٿا:

ڇُلنـــدي ڇلنـــدي ڇيـــر ڇڳـــي
رئنـــدي رئنـــدي رات ڀڳـــي
ڇُرنـــدي ڇُرنـــدي ڇَـــپَ ڇُريـــا
ٻُرنـــدي ٻُرنـــدي ٻـــول ٻُريـــا

قمر شهباز جا اهي ئي ٻُرندا ٻُرندا ٻول ڪنن ۾ اڄ بہ هينئر بہ ٻُري رهيا آهن ۽ اسان جي اندر ۾ رس اوتي رهيا آهن، اسان جي روح کي رڳي رهيا آهن. ان نظم جي ٻئي بند ۾ هو سوال ڪري ٿو:

ڪـاٿي آن تـون — ڪـاٿي آن؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٿي آن تارن جا گمان؟
ڪاٿي آن تون ڪاٿي آن؟

هڪ شاعر جا اهي سڏ ـ پڙاڏجندا رهندا. اهي آلاپ ٻرندا رهندا. نظم جي آخري بند ۾ هو پاڻ ئي سڏ جي وراٿي توڙئي:

تاڙو بڻجي مان ترسان
بادل بڻجي يا برسان
خار هجان، خوشبو ئي هجان
توسان منڙا ساڻ رهان!

تاڙي، بادل، خار، خوشبو — ڪهڙي به صورت ۾ هو پنهنجن منڙن ماڻهن سان گڏ رهڻ گهري ٿو. انهن کان دم به دور نٿو رهي سگهي!

هتي قمر جي هڪ وائي ڏيڻ چاهيان ٿو جنهن ۾ Time ۽ Space کي ستن ستن ۾ معجزاتي طور سموهيو ويو آهي ۽ "آدم" جي تز تشريح ڪئي وئي آهي ۽ ان جي بلنديءَ ۽ پستيءَ کي هڪجيتري ماترا ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

ڪڻڪ ڪڻي جي ڪاڻ ڪُسي هي آدم جو اولاد
الا، آدم جو اولاد.
ميڻُ گنان هي ڪُنئرو ڪُنئرو سخت جئين فولاد
هڙو وهيڻو هاءِ هلائي عرش مٿي ارشاد
ڀاءُ سڳي کي ڀاءُ کهي ير، داد نه ڪو فرياد
جنگ جهيڙي ۾ اڳ ڪان اڳرو امن سندو استاد
ٿاهي ڏاهي، ڏاهي ٿاهي، خالق پاڻ جلاد
هي دنيا جو ويري هن جي دم سان جڳ آباد
الا، هي آدم جو اولاد.

بهارن کي چئجو

هو اياز کان متاثر آهي، ته ماهي مهراڻ شاعر نمبر ۾ به ڪجهه اهڙي راءِ ڏنل هئي ته هو ٻين کان متاثر آهي. مان پنهنجا لفظ واپس وٺان ٿو ۽ اها راءِ رد ڪريان ٿو. قمر پنهنجي لوڪ ـ ڪلاسيڪل کان متاثر آهي. ته ماهي "مهراڻ" جي "شاعر نمبر" (1969) ۾ قمر جو هي غزل به آهي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات اسان کان پيارا وڇڙيا، چانڊوڪيءَ کان چارا وڇڙيا
سانوڻ ڪهڙي ڪارڻ ايندو دل کان جو دل وارا وڇڙيا

ان غزل جو هڪ شعر آهي:

خوابن جي ايوانن ۾ مان تنها تنها ڇو آهيان
جن جوت ڏني سي موت پنيا، هئا تاريڪيءَ ۾ تارا وڇڙيا

اڄ قمر شهباز پاڻ سنڌي شاعريءَ جي اُپ تي هڪ تاري جيان چمڪي رهيو آهي ۽ اسان کان وڇڙي اسان جي وڏيڪ ويجهو اچي ويو آهي ۽ ياد ته تن کي ڪبو آهي جيڪي وسري ويندا آهن. ان ڪيفيت کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ لاءِ لاڪيٽو لطيف ئي منهنجو سونهون آهي:

جڏهانڪر تهام ساڃاهه سپيرين سين،
تڏهانڪر تر جيترو ويرَ نه وسريام،
اندر روح رهيامَ سڄڻ اوطاقون ڪري

جيئن ٻج ڪانسواءِ وڻ نٿو ٿي سگهي، تيئن Vision ڪان سواءِ شاعري به نٿي ٿي سگهي. هڪ شاعر نامعلوم حقيقتون به اسان جي آڏو آرسيءَ وانگر آڻي ٿو رکي. اسين جن اَڄاتن خطرن کان بي خبر هوندا آهيون، شاعر انهن کي اڳواٽ ڄاڻي وٺندو آهي ۽ اسان کي انهن کان نه رڳو سُچيت ڪندو رهندو آهي، پر انهن کي ٽارڻ لاءِ تخليقي توڙي عملي طور به جاکوڙيندو رهندو آهي. هو ڏاڍي سان مهاڏو اٽڪائيندو آهي ۽ هيٺن جو همراهي هوندو آهي. هڪ شاعر اُماس جي جهڙالي رات ۾ پني تي سون ورن سورج اُپرڻ جي بشارت رقم ڪندو آهي. ڏنڌ ڪيڏو به گهاٽو ڇو نه ڪٽي هجي، هو اُن جي هُن پار ڏسي سگهندو آهي:

ان ڪنهبي ڪنهبي خون منجهاران
سحر جي سُرخي ڄاڻ ته اُپري
رائي جي هُن پار اويارَ
آزادي بس ڄاڻ ته اُجري!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رائــي جــي هــن پــار ڏسـين
شــل رائــي جــي هُــن پــارا!

(رائي جي هُن پار)

مون مٿي پنهنجي هڪ نظم "قيدي" جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ان جو هڪ بند، جنهن ۾ اُن دور (1992ع) جي ادبي صورتحال تي بحث ڪيل آهي، نه ڇپيو آهي. پر 2009ع تائين به سترهن سالن کان پوءِ به ان صورتحال ۾ نه رڳو سڌارو نه آيو آهي، بلڪ اها ويتر اُڌري آهي! قمر شهباز به ان جو شڪار رهيو. هن جي لکڻين ڇپڻ تي نه رڳو بندش وڌي وئي، پر هن جي خلاف، هن جي وڃڻ کان ڪجهه مهينا اڳ، ايڊيٽوريل لکيو ويو. هن کي ڏکوئيو ويو پر قمر ان سڄي اڍنگائيءَ کي پنهنجي مخصوص (گهري گهايل) ٿهڪ سان اڏائيندو رهيو ۽ انهن ڳالهين تي ڳالهائڻ ايئن آهي جيئن ڇُٽندڙ ڦٽ تان ڪڙي لاهڻ! سو اچو ته پاڻ قمر شهباز جي هيءَ وائي پڙهون، جيڪا "مڌ جهڙي مندڙ" جهڙي سدا ملوڪ ۽ نشو ڏيندڙ آهي:

مــڌ جهــڙي ڪــا مُنــڌ
اسـان جــو جيئــڙو جهــوري وئــي ڙي يــارا!
ڇــيلن جهــڙا ڇــال جنهــين جــا
واســـينگن جهـــڙا وارَ
جيئــڙو جهــوري وئــي ڙي يــارا!
موتئي جهڙي مرڪ جنهين جي
مڪـــڙو ميگهـــــ مـــلارَ
جيئــڙو جهــوري وئــي ڙي يــارَ!
اکــڙين ۾ ڇــولين جــو ڇلڪــو
ســـانوڻ جهـــڙا پـــارَ
جيئــڙو جهــوري وئــي ڙي يــارَ!
نيــڻن ۾ ســيڻن جــا ســپنا
خـــوابن منجهـــ خمـــارَ
جيئــڙو جهــوري وئــي ڙي يــارَ!

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور گهڻو ٿي گهاري ليڪن
دل ڪان ڪهڙو ڏار
جيئڙو جهوري وئي ڙي يار!

قمر جي شاعريءَ ۾ "پاڇي" جو ذڪر بہ گهڻو آهي، جيڪو هن جي وجود جو حصو آهي، جيڪو گم ٿي وڃڻو آهي. هڪڙي صفحي تي صرف هي بہ سٽون آهن:

منهنجو ڇاهي؟ مان تہ پاڇو آهيان، گم ٿي ويندس،
تون ئي آهين جنهن جي خاطر گل ٽڙن ٿا.

"منهنجو پاڇو" نظم ۾ وجود جو پاڇي سان ڊائلاگ آهي:

تون چنڊ ستارا ڳولين ٿو
مان چاهت چارا ڳوليان ٿو

ٻنهي کي — وجود ۽ پاڇي — کي ڳولا آهي، آخر ۾ وجود، پاڇي کي ڳولي لهي ٿو پر اتي بہ "شايد" وارو شڪ موجود آهي آخري سٽن ۾:

تون شايد منهنجو پاڇو آن
مان توکي پيارا ڳوليان ٿو

پر "پيار" قمر وٽ پرڇائين نہ آهي، بلڪ جيئرو جاڳندو وجود آهي ۽ "جيون پر جي جهوري" آهي ۽ اها "جهوري" ۽ پيار جي پيڙ ئي شاعريءَ جي پيڙهہ آهي:

جي پيار هجي ها پرڇائين، مان ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳوليان ها
مان نيڻين نير وهايان ها، مان دل جا موتي رولياں ها
جي پيار هجي ها پرڇائين!

هن کي اها ڄاڻ آهي تہ دل ڏيڻ جي بدلي درد ئي ملي ٿو. پيار ۾ پيڙ ئي پلئہ پوي ٿي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪويل ڪُوڪي، ڪُونج اڏاٽي
ٻيهر جاڳي پيڙ پراٽي
بڙچي بڻجي ڪڻچي گهائي
تن من آتڙ پايو
دلڙي ڏئي مون درد پرايو!

پر اها خبر تڏهن ئي پئي تي، جڏهن ائين تي چڪو هوندو آهي. اها "پيڙا" ئي هڪ شاعر کي اها پروڙ تي ڏئي تہ اها پيڙ تہ هر پراٽيءَ وٽ آهي، خاص ڪري ان وٽ جنهن کي اسين "عوام" ٿا چئون، توڙي جو ان پيڙ، درد يا ڏک جون صورتون مختلف هونديون آهن. سماجي اٿبرابريون، وسيلن تي قبضا، طبقاتي سماج، ناانصافيون، بدامني، ڏاڍ، ڏهڪاءُ، جنگيون، آزاديءَ جي نالي ۾ غلامي، امن جي نالي ۾ جنگ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ پيڙ جو چيڪو ساڳيو هو جنهن کي هڪ حساس شاعر وڌيڪ محسوس ڪيو ۽ هو ذات جي گهيري مان نڪري اجتماع جي وسيع حلقي ۾ داخل ٿي ويو. مقاميت کان بين الاقواميت ڏانهن لڙيو. بهرحال، ذات هجي يا اجتماع، هن کي اهو پتو آهي تہ هن جنهن واٽ تي پير ڌريو آهي، ان تي هر پانڌيءَڙي جا پير پٿون آهن، روح زخمي آهي، سارا سَنڌ ساٽا آهن، پوءِ بہ هن کي هلندو رهڻو آهي ان راهہ تي:

پير پٿون هر پانڌيءَڙي جا،
منزل جو ڪو ايرنہ پير.

هن مجموعي ۾ گيت، دوها، بيت، وائي، غزل، نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم جون صنفون آهن ۽ قمر تخليقي سطح تي انهن صنفن کي ڪاميابيءَ سان ورتايو آهي. هي هڪ غزل جو شعر آهي:

هو اهڙو ينل جهڙو سانوڻ جو بادل،
هو آيو وسيو ۽ رئاري هليو ويو!

بهارن کي چئجو

۽ ٻاهر ڪراچيءَ تي وڏڙو وسي رهيو آهي ۽ سحر ٻارن (ساونت ۽ وجدان) سان پنهنجي ياءُ جي گهر ويل آهي شام کان ۽ مٿان رات تي وئي آهي. بجلي بہ نہ آهي، نہ ئي مون وٽ فون آهي. الڪو تي پيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪڙڪي تي واجهايان ٿو. دريءَ مان بيهان ٿو. گيلريءَ مان ڏسان ٿو. موٽي اچان ٿو. ميڙ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ قمر جي شاعري پڙهان ٿو. هڪ نظم "مان جو آهيان" جون آخري سٽون منهنجي سامهون آهن:

سڀ نيڪ آهي
سڀ نيڪ ٿي ويندو
مان جو آهيان!

سو هن بند فليٽ ۾ قمر جي شاعري مون سان گڏ آهي. هن جون ساروٽيون به ڇت تي وڏڦڙي جيان وسي رهيون آهن. هي ڪنوڙ جا ڪلڪار هن جا ٿهڪ ئي ته آهن. مٿي جنهن نظم جون آخري سٽون ڏنيون اٿم، اهو نظم قمر تڏهن لکيو هو جڏهن هو اسپتال ۾ هو جتي جيل مان، دل جي تڪليف جي ڪري داخل هو. مان نظم شروع کان پڙهان ٿو. ان نظم ۾ به ڪردار آهن. عورت ۽ مرد. عورت جي مک تي مرجهايل مُرڪ ۽ هٿن ۾ تازا گل آهن. رسمي دلاسا آهن. ٻئي ڪردار، پنهنجو پنهنجو درد لڪائي، هڪٻئي کي آٿت ڏين ٿا. عورت چئي ٿي:

ٻار سيئي اسڪول ويا
۽ گهر جي در کي تالو آ
جوڙو ڪپڙن جو ڏوتو ٿم
آندم ٿي پر آلو آهي

ايئن روزمره جي ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين ۾، ٻئي ڪردار وڏا وڏا درد لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن ٿا. هوءَ هن کي ٻڌائي ٿي ته فون تي هُن جي ساٿين کي صورتحال ٻڌائي وئي آهي ۽:

توکي ساٿين ساريو آهي
وڏو ڪو ٻارڻ ٻاريو آهي

پر ان ڪوڙي آٿت کان پوءِ هوءَ منهن ڦيرائي، لڙڪ لڪائي ٿي هُن کان، پر هڪڙو لڙڪ هن جي نراڙ تي ڪري ٿو ۽ هن جي دل ۾ اهڙو سور اٿي ٿو جنهن کي لاهڻ لاءِ ڪا به گوري اڃا ايجاد نه ٿي آهي! اهو سور انهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻين جي وسارڻ جو آهي، جن کي هو سدائين ساريندو آهي! نظم جي پڄاڻيءَ تي هو (مرد) اُن (عورت) جو هٿ جهلي چئي ٿو:

سڀ ٺيڪ آهي
سڀ ٺيڪ ٿي ويندو
مان جو آهيان!

هي سٽون لکندي مون کي ايئن ٿو لڳي جڻ هو مون کي اهو آٿت ڏئي رهيو آهي ته "سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، مان جو آهيان!"

سنڌي شاعريءَ ۾ قمر شهباز جو آواز بہ ائين نمايان آهي، جيئن هن جو قد نمايان آهي. هيئت ۾ هن جيڪي تجربا ڪيا آهن، اهو هڪ الڳ موضوع آهي. مختصر توڙي طويل بحر/چند کي هو هڪجيتري سهولت سان ڪم آڻي ٿو. هن جي پڙهڻ جو انداز ٻڌندڙن کي پنهنجي منڊ ۾ منڊي ڇڏيندو هو. ريجنٽ پلازا جي وسيع هال ۾، سنڌي ڊپارٽمينٽ ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران امر جليل سان ملهايل شام ۾ جڏهن قمر شهباز پنهنجي پڳ مٿ يار امر جليل تي مقالو پڙهي رهيو هو، تڏهن پورو هال ٿهڪن سان ٻري رهيو هو. هن جي هر جملي تي ٿهڪڙن جا ٽانگر ٽڙي رهيا هئا. هن جي جملن کي، مون ڏٺو ته سڀ کان وڌيڪ اسٽيج تي ويٺل امر جليل Enjoy ڪري رهيو هو. ان ويم اها سمڪ ئي نہ پئي ته قمر کو رئارڻ لاءِ اسان کي ايڏو ڪلائي رهيو آهي:

هو اهڙو پنل جهڙو سانوڻ جو بادل،
هو آيو وسيو ۽ رئاري هليو ويو!

مينهن وسي بند ٿي ويو آهي. پاڙي جي مسيت مان فجر جي ٻانگ اچي رهي آهي. پکي پکڻ منڙيون منڙيون لاتيون لنوي رهيا آهن. دريءَ جي ڪارنس تي پاريهرن جو جوڙو اچي ويٺو آهي ۽ اُتي رکيل چوڳو چُڳي رهيو آهي. اوير پاسي لاکون لڳي رهيون آهن. باکون بکي رهيون آهن. سنڌ جي راجڌانيءَ ۽ قمر جي شهر ڪراچيءَ تي صبح طلوع ٿي رهيو آهي ۽ منهنجي آڏو قمر جو نظم "راجا منهنجا پُٽا!" طلوع ٿيو پيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. "راجا" نئين نسل جو نمائندو آهي. نظم جي هڪ بند ۾ شاعر نئين نسل آڏو صفائي پيش ڪندي، بند جي آخري سٽ ۾ نہ رڳو پنهنجي دور جو پر هر دور جو سچ چئي ٿو:

ليڪن منهنجا پُٽ، ٻُڌي ڇڏ
تنهنجو پيءُ ڏوهاري ناهي
خوني، قاتل، ماري ناهي
ڦورو لوبي، ٺوڳي ناهي
ڪوڙ ڪُپٽ جو روڳي ناهي
هو تہ فقط هڪ شاعر آهي.
لفظن جو هو ساحر آهي
سهڻا سهڻا گيت چوي ٿو
سچ جي آخر جيت چوي ٿو!

امداد حسيني
2 آگسٽ 2009
ڪراچي سنڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهارن کي چئجو

بهارن کي چئجو نہ مون کي پڪارين
اسان جون بهارون نہ آيون نہ ايندیون
فقط چند خاموش ڪنگال ٿيو ٿا
اسان جيئن، ڪنهين جون ٿا راهون نهارين.

هي رنگين يادون هي غمگين يادون
اوهان جا ئي تحفا اوهان جي نوازش
وسارڻ تو چاهيان نہ اڪڙيون وسارين
بهارن کي چئجو نہ مون کي پڪارين.

هي رنگين راتين ۾ تارن جا جهرمٽ
مگر دل جو تارو نہ ايريو نہ اجريو
سوين داغ تنهنجا ٿا سينو سنوارين
بهارن کي چئجو نہ مون کي پڪارين.

وفا ڇا جفا ڇا، وفا ۽ دغا ڇا
مڃان تو مان مجرم مڃان تو مان ڏوهي
پلي هو وسارين پلي هو ڏڪارين
بهارن کي چئجو نہ مون کي پڪارين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڪنهن جي رنگين محفل ۾ سائين
ڀلا گم ٿي توکي وساري سگهان ٿو
ڊڄان ٿو ڪٿي لڙڪ توکي نه سارين
بهارن کي چئجو نه مون کي پڪارين.



بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوري ۽ ڏانهن

چاڻ تہ آيو چام تماچي
نوري، تنهنجي دوار!
سهڻيون، مهڻيون راڻيون رولي
نيٺ تہ لهندو توکي ڳولي
تنهنجي خاموشيءَ جي خوشبو
مگري جهڙي مرڪ متي
اکڙين جي آکيرن ۾ چڻ
آڪاسن جا ديپ پسي
چاڻ تہ آيو چام تماچي!
تخت وساري، تاج پلائي
پاڳ لتاڙي، راج رلائي
سوني چانديءَ ۾ سينگاريل
پنهنجين راڻين کي ڏنءُ لائي
تنهنجي دواري ايندو نوري!
ليکن هڪڙي ڳالهہ ٻڌي چڏ
ناريءَ جو آنيان چري
جيئن واريءَ کي پنهنجو جرڪو
تاريءَ کي چڻ پور
هيرن ۾ هٿ وجهجان ليکن
لوئي نہ لاهج مور!

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏوري اڏام

وري وقت جي واڳ واري نه سگهجي
جو ڪرڻو آ، سو هاڻي ڪرڻو ئي پوندو
پلي سوري سرمد جو سينگار بڻجي
اسان کي آڏيءَ تي اُترڻو ئي پوندو!

اجا ٻي آ انسان انسان جو قيدي
اجا ٻي آ زردار جي حڪمراني
اجا ٻي محبت آ قابو ڪڙن ۾
اجا ٻي هوس جو نشانو جواني!

پلا چو ڪو روئي ٿو لاچار بنجي
نياڻي وڪامي ٿي واپار بنجي!

بهارن
ڪي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوپنچي!

نيلـــــي نيلـــــي گهرائـــــيءَ ۾
جهـــومي جهـــومي گيـــت سـڻائين
منهنجـــو مـــن- پنچـــي، آ گهايـــل
گهايـــل کـــي چـــو ٿـــو تڙپـــائين.

کـــنهن جـــي آشـــا مـــن ۾ اوتـــي
پيـــار کـــڏهن تـــو پـــي تـــه کيـــو هـــو
کـــنهن جـــو پـــريم پيـــالو پـــي، تـــو
ڏيهـــه چـــڏي، پرڏيهـــه ميـــو هـــو.

آشـــائن جـــا ديـــپ جلائـــي
مـــان پـــي کـــنهن جـــو آســـي آهيـــان
جيـــون کـــي جنجـــال بڻـــائي
اوپنچـــي، مـــان پياســـي آهيـــان!
لـــڙڪ لڪـــائي، آهـــه ڏيـــائي
کـــنهن کـــي مٿـــڙا گيـــت سـڻايان؟
ســـيني ۾ ســـو گهـــاءَ ڇپـــائي
کنهن سان ويهي منهن مرڪايان؟

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جا رشتا

راز تہ آخر راز ئي رهندو
تنهنجو منهنجو راز ئي کهڙو؟
دل جا رشتا درد جا آهن
دل ئي ڄاڻي دل جون ڳالهيون،
دل ئي چانڊوڪيءَ ۾ چهڪي
چانڊوڪيءَ جا چهڪ سڃاڻي
گهرا گهايل ٿهڪ سڃاڻي
دکندي دل جي مهڪ سڃاڻي
دل ئي ڄاڻي دل جون ڳالهيون
دل جا رشتا درد جا آهن
تنهنجو منهنجو راز ئي کهڙو؟
راز تہ آخر راز ئي رهندو.

بهارن
ڪي
ڇنڊجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏات

ڏات اسان جي سانوڻ جهڙي
تائل، گهائل ۽ ترسايل
پل ۾ پوٽي جهڙي پياسي
پل ۾ پاٽي پلٽي جل ٿل
ڪن ۾ ڪنوٽين جيئان ڪل ڪل
ڪن ۾ بادل جهڙي بوجهل
ڏات اسان جي سانوڻ جهڙي
تائل، گهائل ۽ ترسايل!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنوان ڏانهن

اوهين زر جا مالڪ، اوهان جي زمين آ،
اوهان جي نگاهن ۾ دنيا حسين آ،
اوهان جي بدولت هي مانڊاڻ آهي،
هي سوني ۽ چانڊي جي چانڊاڻ آهي،
اوهان جي ئي دم سان هي ڪوٽا وسن ٿا،
هي چيرين جي چمڪي تي طبلا وڄن ٿا،
اوهين ئي نشي ۾ ٿا غربت نچايو،
۽ معصوم مڪڙين سان سيجون سجايو،
خريدي سگهو ٿا جوان پينرن کي،
مصيبت جي ماريل دکي ڏيئرن کي،
شڪايت ڪيون، پر هيءَ عادت بہ ڪهڙي؟
اسان کي اوهان کان شڪايت بہ ڪهڙي؟
اوهان جا جنازا بہ ريشم ۾ اوڍيل،
اسان جي جواني پر ليڙن لئہ ترسيل،
جنت جي حورن کي پائي سگهو ٿا،
۽ عقبيٰ ۾ بنگلا اڏائي سگهو ٿا،
جيوت اسان جي اجهائي سگهو ٿا،
خريدي سگهو ٿا، مٽائي سگهو ٿا،

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جون نگاهون ستارن کان اوچيون
اسان بيڪسن، بي سهارن کان اوچيون،
نہ تاري سگهون ٿا نصيبن جا ڦيرا،
اوهان کي اجالا، اسان لئہ انڌيرا،
زمين کي فلڪ سان عداوت بہ ڪهڙي؟
اسان کي اوهان کان شڪايت بہ ڪهڙي؟
هي ننگي جواني، هي عصمت جا سودا،
هي بيڪار مفلس، هي غنڊا، هي شودا،
هي مارئيءَ جي عزت جو نيلام گهر ڀي،
۽ انسانيت جي هو تازي قبر ڀي،
هي محلات شهوت پرستن جا ٺاهيل،
محبت منجهن آهي باندي بنايل،
سڄاڻو هي گهايل اوهان جا ئي آهن،
هي اڏا بنايل اوهان جا ئي آهن،
مُردن تي محلات ٺاهيو پيلي-پر،
غريبن کي بي گهر رلايو پيلي- پر،
اوهان کي اسان ريءَ رڪڻو ئي پوندو،
اسان کي اٿارڻ لئہ جهڪڻو ئي پوندو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو پاڇو

تون چنڊ ستارا ڳولين ٿو
مان چاهت چارا ڳوليان ٿو.

تون امرت ڌارا ڳولين ٿو
مان سونهن سهارا ڳوليان ٿو

تون دردن دارون ڳولين ٿو
مان روڳ نيارا ڳوليان ٿو

تون اُپ اڏارون ڳولين ٿو
مان گيت اڇارا ڳوليان ٿو

تون منڙيون مُرڪون ڳولين ٿو
مان ڪڙندا تارا ڳوليان ٿو

تون ڪونجن ڪُرڪون ڳولين ٿو
مان ساٿي سارا ڳوليان ٿو

تون ڳل تي ڳوڙها ڳولين ٿو
مان ڳٺتي ڳارا ڳوليان ٿو

تون سڏ پڙاڏو ڳولين ٿو
مان پرهه پنارا ڳوليان ٿو

تون شايد منهنجو پاڇو آن
مان توکي پيارا ڳوليان ٿو.



ڀارن
ڪي
ڇڻجه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانڊوڪيءَ جي چاهت ۾

چانڊوڪيءَ جي چاهت ۾، مون اونداهه ساڻ نيايو!

تارن جي پاڇولن ۾
هر بار جڏهن ٻي ماڪ ٻني،
چانڊوڪيءَ جي چارن ۾
هر بار جڏهن ٻي رات رُني،

هر بار جڏهن ٻي هير گهلي
ڀ ياد توهان جي آئي،
مون ٻانيو ڪوئي آيو آ
جو سانجهي آ شرمائي.

هر بار مون مرڪي گهاءُ سٽو
هر بار مون تولئه واجهايو.
چانڊوڪيءَ جي چاهت ۾، مون اونداهه ساڻ نيايو.

بهارن
ڪي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٿي آن؟

ڇُلندي ڇُلندي ڇيرِ ڇڳي،
رئندي رئندي رات پڳي.

چرندي چرندي چپ چُريا،
ٻُرندي ٻُرندي ٻول ٻُريا.

بيڪل تون- ۽ ويا ڪل مان،
ڪاٿي آن تون- ڪاٿي آن،
ڪاٿي آن تارن جا گمان؟
ڪاٿي آن تون- ڪاٿي آن؟

تاڙو بنجي مان ترسان،
بادل بنجي يا برسان،
خار هجان، خوشبوئي هجان،
توسان مٽڙا ساڻ رهان!

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رائي جي هُن پار

رائـي جـي هـنَ پـار ڏسـين
شـل رائي جي هن پار ڏسين!

رائـي جـي هُـن پـار اي يـارَ
چٽنگون چٽنگون ڏرتي آهي
اُپ جـي آڳنـڌ تـي ڏس ارڏا،
لال- رتـي ڪـا ارتـي آهـي.

ان کهنبي کُهنبي خون منجهاران
سحر جي سرخي ڄاڻ تہ اُپري،
رائـي جـي هُـن پـار او يـار،
آزادي بـس ڄـاڻ تـہ اُجـري!

رائـي جـي هُـن پـار ڏسـين،
شـل رائي جي هُن پار ڏسين!

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙيءَ جو سارنگ

جي ڇير اچا پي ديرڪئي،
پوءِ ڏوهه نه ڏج ديوانن تي.

جي مرڪ نه پياري سرڪ سڄڻ،
پوءِ مُهڙ ناهي ميخانن تي.

تون اوت ته جرڪي جوت پلي،
جا ايندي، سا پروانن تي.

هن ڏيهه گهٽائي ڏاڍ ڪيا،
مجبورن تي مستانن تي.

هي ڪوٽ ڪڙا، زنجير ذرا،
ڪو عيب ناهن انسانن تي.

مون گيت چيا، جي گونجي اٿيا،
ڄڻ آهه اُڏي ايوانن تي.

اڄ سنڌڙيءَ سارنگ ڳايو آ،
اڄ ورڪا ٿي ويرانن تي.

بهارن
کي
ڇنجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهپ تنهنجا ڏنگ

سوريءَ جو سينگار مليو
هئه ڙي ڏاهپ! تنهنجا ڏنگ!

پرديسيءَ جو پيار مليو
وهه ڙي ويري تنهنجا ونگ

انڌياري ۾ مور ٽليو
سڏڪي ساري پنهنجا سنگ

هيرَ گهلي ۽ تار جُهلي،
الهڙ جهڙا آتا انگ

بادل گرجيو بجلي چمڪي،
سانوڻ سرجيا سارنگ

مرڪي هڪڙيءَ وار ڏنو ۽،
چهڪي اٿيا چوڏس چنگ

منهنجو دامن ڇهُون ڇهُون،
ديوانن جا ڪهڙا دنگ؟

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواره

اڄ وري مون چنڊ ۾ توکي ڏٺو
اڄ وري چمڪي اٿين چانڊباڻ ۾
اڄ وري دل جا زخم اٿلي پيا
موج ڄڻ جاڳي اٿي مهراڻ ۾.

اڄ وري نڪرايو مون کي آسماج
اڄ وري تڙپي اٿيا هردي جا تار
آواره دل ناڪام تي مشڪي ڏٺو
ڄڻ ڪٿان مرڪي اٿي الفت جي هار.

ڪنهنجي دولت منهنجي الفت ڪان ڦريو
تنهنجي آشا، تنهنجي چاهت، تنهنجو پيار
تنهنجون يادون ميڙ ٿاهي، جهومنديون
منهنجي ويراني ۾ آيون بيقرار.

هيءَ زندگي آ، يا آ جيون جو مذاق
راهه ۾ ٿوڪر ملي ۽ چاهه ۾ آ انتظار
تنهنجي دنيا ۾ محبت جي به قيمت ٿي ٿئي
چپي چپي تي اڏايل پيار جو آهي مزار.

اڄ وري مون چنڊ ۾ توکي ڏٺو
دور ڪرن جي تهن ڪان پي پري
تنهنجي نيڻن ۾ شڪايت جي جهلڪ
چئه پلا ڪهڙيءَ طرح منهنجي سري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مري ٿيانه ملت

تـوڪي سـاهه ڏنـو مـون سـنڌو
تـون مـون ڪـي وهـه وٽـو تـه نـه ڏي
تـون مـون ڪـي وهـه وٽـو تـه نـه ڏي!
هـــي رت ڦـــڙا مينـــديءَ رات،
هـي سِـرَ وڍيـل سـرويچن جـا،
هـي ڌرتـيءَ تـي جـي ڍِڳَ ڪريـا،
سـي مـوت پڇاڻـان مـات نـه ٿيـا،
تـون مـون ڪـي وِهـه وٽـو تـه نـه ڏي!
هي ڪاتيءَ هيڻان ڪنڌ تـه ڏس،
هـي پانـڌيءَڙي جـا پنـڌَ تـه ڏس،
جِـتِ هيـر گهلـي سـو هنـڌَ تـه ڏس،
اڄ سـاهن منجهـه سُـڳنڌَ تـه ڏس،
تـون مـون ڪـي وهـه وٽـو تـه نـه ڏي!
مـون گيـتن سـان گونجـارَ ڪئـي،
مـــون سُـــرَ لٽـــائي ســـارَ ڪئـــي،
مون هيمونءَ جيئن هيڪارَ ڪئي،
مون هوشوءَ جيئن هوڪارَ ڪئي،
تـون مـون ڪـي وهـه وٽـو تـه نـه ڏي!

بهارن
ڪي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ پڇرڻ جو ڪم ياڙ ڪيو
سو ساٿ ڪيو سينگار ڪيو
اڄ ڌاريا ڏوڪي ڌار ڪيو
اڄ واسينگن تي وار ڪيو
تون مون کي وهه وٽو تہ نہ ڏي!
جي بر ۾ بازي هاري ويا،
سي پنهنجو واعدو پاري ويا،
هو توتان سيڪجهہ واري ويا،
جي خون سان ڌرتي ٺاري ويا،
تون مون کي وهه وٽو تہ نہ ڏي!
اڄ زنجيرن تان زنگ لٿا،
اڄ ويڙهيچن جا ونگ لٿا،
اڄ رنگيلن جا رنگ لٿا،
اڄ ڏيهہ وارن تان ڏنگ لٿا،
تون مون کي وهه وٽو تہ نہ ڏي!
جا جوت جلي، جو نور ڏريو،
سو منهنجي واڪي سان ئي وريو
اڄ ديپن ۾ جو خون ٻريو
مون پنهنجي سيني مان ئي پريو
تون مون کي وهه وٽو تہ نہ ڏي!
تون مون کي وهه وٽو تہ نہ ڏي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ وري مون پهه ڪيو آ

اڄ وري مون پهه ڪيو آ، رت جي راند رچائڻ جو
ڏاڍي ڪي ڏهڪائڻ جو قاتل ڪي ڪيرائڻ جو۔
اڄ وري مون پهه ڪيو آ، ٻيهر مچ مچائڻ جو۔
پتنگن وانگر پڇري ڪامي، پنهنجي جند جلائڻ جو۔
اڄ وري مون پهه ڪيو آ، ڌرتيءَ کي دهلائڻ جو۔
تن من ڌن کي گهوري واري، گهاتو گهر موتائڻ جو۔
اڄ وري مون پهه ڪيو آ، گهائل کي پريائڻ جو۔
سورهيه تي سنگينن تي پي مُرڪي منهن مرڪائڻ جو۔
اڄ وري مون پهه ڪيو آ جاڳي جوت جلائڻ جو۔
طوفانن ۾ انڌيارن ۾، پٽڪي رستو پائڻ جو۔
اڄ وري مون پهه ڪيو آ، وڇڙين کي ورسائڻ جو۔
ٻيجل جو ٻهروپ مٽائي، وڇڙيل ويل ورائڻ جو۔
اڄ وري مون پهه ڪيو آ، سوڍي کي سمجهائڻ جو۔
مومل واري ماڙيءَ تي، اڄ ٻيهر واڳ ورائڻ جو۔
اڄ وري مون پهه ڪيو آ سنڌڙيءَ کي سرچائڻ جو۔
ڪنڌ ڪپائي، جيءُ جلائي پنهنجي منزل پائڻ جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2)

اڄ وري زنجيرون ڇڇنديون مارئيءَ جي مجبورن جون
اڄ وري تقديرون ڪلنديون، صديون جاڳيل سورن جون.
اڄ وري جهنڊا جهلندا، راهونڊن تي رستن تي،
اڄ وري سرمد جهڙي مستي ايندي مستن تي.
اڄ وري شعلا اٿندا آڳ لڳي آڪاڙي ۾،
اڄ وري ڪائنر ڪسندا رنگ محل جي راڙي ۾.
اڄ وري تقديرون ڪلنديون ڪينجهر جي ڪاٽيارن جون،
اڄ وري تدبيرون ٺهنديون، تاريڪيءَ جي تارن جون،
اڄ وري آديسي ايندا، صدين جا سوداءُ ڪٽي،
انسانن جي انيائن جا، سيني ۾ سوَ گهاوَ ڪٽي.
اڄ وري خوابن جي خوشبو ڦهلي ويندي بستيءَ ۾،
هوشو ايندو هوڪارن سان للڪاريندو مستيءَ ۾،
اڄ وري قنديلون ٻرنديون جهرٽا جهانجهه وڄائيندا،
اڄ وري ماروئڙا مڙندا، گڏجي جهومي ڳائيندا.



(3)

نئون نياپو آيو آهي ماضي هاري موتي ويندو
جيڪي ٿيندو اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو.
جيڪي ٿيندو اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو، اڄ ئي ٿيندو.

بهارن
ڪي
ڇنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي رات نه رو

اي رات نـــــ رو ڏات نـــــ رو لات نـــــ رو
ڪجهـــ ديـــر ســـهي شـــدتِ جـــذبات نـــ رو.

هـــي زخـــم بـــ گهـــرو آ، هـــر اشـــڪ تـــي پهـــرو آ،
جـــو تنهنجـــي هٿـــان مليـــو ســـو گهـــاءُ ســـنهرو آ،

هـــي گيـــت بـــ گهايـــل آ ســـنگيت اڃايـــل آ،
هـــڪ دل جـــي اداسـي آ، جـــا تـــوتي ئـــي مائـــل آ،
اڄ مـــــور اڪيلـــــو آ، اڄ درد ســـــويلو آ
هـــن دل ۾ ســـوين يـــادون، ڪـــو درد جـــو ميلـــو آ.

تـــون يـــاد هجـــين هـــا، مـــان دل ۾ ســـمايان هـــا،
تـــون درد هجـــين هـــا، مـــان سـيني سـان لڳايـان هـــا،
تون گيت هجين ها، مان توکي ئي تـ ڳايان ها،
ســـنگيت هجـــين هـــا، مـــان ڪنـــڌ ڪپايـــان هـــا.

پـــاڇولو هجـــين هـــا تـــون، پـــڙلاءِ هجـــان هـــا مـــان،
جي گهور هجين ها تون، بس گهاءُ هجان ها مان

جـــي پيـــار هجـــين هـــا تـــون، پرپـــاءُ هجـــان هـــا مـــان
جـــي پـــور هجـــين هـــا تـــون، پيچتـــاءُ هجـــان هـــا مـــان.

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڏات هجان ها ۽، لات هجين، ها تون
مان چشم هجان هان- ۽ برسات هجين ها تون.
مان گهور هجان هان ۽ گهات هجين ها تون،
مان روح هجان ها ۽، رات هجين ها تون،

تقدير جي آڏو پر تدبير نه هلندي آ،
جي خواب اڏورو آ تعبير نه ملندي آ.

اج موت ڏني مات آ، برسات نه رو
اي رات نه رو، ڏات نه رو، لات نه روا!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاٽ

درد جي ڪائي لاٽ اٿي آ،
دلڙي، هاٽي ڏيرج ڪهڙو!

ڪهڙي ڪاڪ پڪاريو آهي
ڪهڙي مومل ساريو آهي
ڪهڙي نيرو سُرَ جي خاطر
روم ڪي ٻيهر ٻاريو آهي؟

ڪهڙي چنڊ، چڪوري ٻڌجي
پنهنجي پاڇي پائڻ خاطر
بن بن روئي ڳايو آهي
پرينءَ کي پريائڻ خاطر؟

مان راٽو ناهيان،
راٽي جو ٻهروپ سهي
پوءِ ڀي آخر ڪيئن چوان
ڪهڙي چانڊوڪيءَ جي خاطر
آيو آهيان:
جنهن جي پهچاڻ ڇڏي
ابديت جا اهڃاڻ ڇڏي
چاهت جي چانڊاڻ ڇڏي
پنهنجو آپس پاڻ ڇڏي!

بهارت
ڪي
ڇڏو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا همدرد، منهنجا قاتل
اوري آءِ، تون اوري آءِ-
منهنجي دل جي ويرانن ۾
ڪاري ڪاري ٻاٽ تہ ڏس!

بوند بوند لئہ ترسيو آهيان
اندر جي اوساٽ تہ ڏس!
اميدن جي آشائن جي
صدين کان جا سانديل آهي
دل جي گهايل گهراين ۾
درد جي ڪائي لاٽ تہ ڏس!

ڪو تہ هجي جو اکڙيون ڏوئي
آنسو ميڙي، مالا پوئي
ڪو تہ هجي جو پريم سوئي
دل جو درد ڇپائي روئي-!
ڪو تہ هجي- لا! ڪو تہ هجي
ڪو تہ هجي مون ديواني سان
هن ويراني بستيءَ ۾!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڪيئن ڪري؟

جت رچ رڙي، جت ساهه سڙي ۽ آهه نه ڪو انسان ڪري
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي، ان ڌرتي تي ڪو ڪيئن رهي

جت پريت نه ڪو پرياءُ هجي ۽ گهاوَ مٿان سَؤ گهاءُ هجي
جت راڳ نه ڪوئي رنگ هجي، جت چنگ رڳو پيو ڏنگ سهي
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟

جت واڳونءَ جهڙا وات سوين، ۽ ڏائڻ بڻجي ڏات لنوين
جت سانوڻ آئي ساٿ نه ٿئي، ۽ ڏانوڻ ڏک جو ڪين لهي
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟

هو ڪارا ڪارا بادل ها، جي پريتم جهڙا پاڳل ها
هو ترسيا ها ۽ برسيا ها۔ جيئن نيٺن وچان ڪو نار وهي
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟

مون اوچا اوچا ڪوٽ ڏٺا، مون گهائل گهائل گهوٽ ڏٺا
ڇا ڇا نه ڏٺو مون دنيا ۾، ڪيئن لوپي نوڳيءَ سان ٿو نهي
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄڻ ڪو سپنو

هيءُ سانوڻ ڄڻ ڪو سپنو هو
جو سايو بڻجي آيو هو
۽ بادل بڻجي ڇايو هو
پوءِ بوندون بڻجي برسيو هو.

۽ پوءِ هوا جي جهوٽي سان
ڪنهن ڇيڪ جي ڇڙيل وارن جان
پل ڪن ۾ وکڙي وکڙي ويو
هيءُ سانوڻ ڄڻ ڪو سپنو هو.

مون اکڙين جي نيسارن مان
نيٺن جي وهندڙ نارن مان
هيءَ ورڪا رت واجهايو هو
پر تنهنجي ياد به تہ سايو هو
ڄڻ تنهنجي ياد به سانوڻ هئي
ڄڻ تنهنجي ياد به سپنو هو.

بهارن
ڪي
ڇنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو

سنڌوءَ جو پوتر پاڻي
اڄ رت سان رينو رينو آ
لهر لهر ڇڻ لهو لهو آ
ڦڙو ڦڙو ڦوڦينبو آهي.
گهيڙ گهيڙ ڇڻ گهائل گهائل
تڙ تڙ تي طوفان متو آ
رت جي ورکا رات وُني آ
سنڌو تنهنجي سنڌ ڪني آ
سچ تي سير وهائڻ وارا
ڪانئر ڪوڙ ڪمائڻ وارا
هِيرَ بہ نير وهايو آ
تقدير بہ ڏس پڇتايو آ.
جنهن ڌرتيءَ توکي دان ڏنو
جنهن مٽيءَ توکي مانُ ڏنو
جنهن سور وسايا سرڙي تي
ڀ توکي امن امانُ ڏنو
تنهن ديس تي دشمن بڻجي تو
واڳون جيئن وات وڌايو آ.
تنهن بستيءَ جي تون هستيءَ کي
ٿو باهہ لڳائين مستيءَ ۾

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون پالا بم برسائين ٿو
تون ماءُ کي گهاءُ رسائين ٿو
تون منهنجي در تي سام وٺي
پوءِ منهنجو گهر ئي جلائين ٿو.
اي گيدي گدلا بزدل تون
هن ٻوليءَ کان ٻلوان نه آن
جي گوليءَ تي ٿو ناز ڪرين
تون سيڪجهه آن- انسان نه آن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄاڻان ٿو!

ڄاڻان ٿو هي درد ته آخر جيءُ جلائي ويندو،
ڄاڻان ٿو هي روڳ ته مون کي جوڳ وٺائي ويندو.

ڄاڻان ٿو اڻڄاتا رستا، مون کي ماري وجهندا،
ڄاڻان ٿو هي پيار جو طوفان جوت اجهائي ويندو.

ڄاڻان ٿو تون پاڇو آهين پاڇو مور نه ملندو،
ڄاڻان ٿو هي روح اسان جو پياس پرائي ويندو.

ڄاڻان ٿو هي رڻ جي اڄ آ دوکو آهه نگاهن جو،
ڄاڻان ٿو ڪو پنهنجو بڻجي گهرو گهائي ويندو.

سياڻو هوس ساري جڳ ۾ ليڪن ڪين ٿي ڄاتم،
ڪوئي ڏاريو ڏاڙو هڻندو دل تڙپائي ويندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاچا نہ ڪرڻ چاهيو!

چاچا نہ ڪرڻ چاهيو
هڪ ساهہ جو سڏڪو هو
جو تنهنجو ئي تحفو هو
هڪ گيت اڃايل هو
جو تنهنجو پڙاڏو هو
هڪ درد جو درياهہ هو
جو پار اڪرڻو هو
هڪ دل جي اڪيلائي
ڪو حيلو تہ ڪرڻو هو.

مون توکي رَسڻ چاهيو
هي درد سهڻ چاهيو
اکڙين کي پلڻ چاهيو
چپڙن کي سبڻ چاهيو
چاچا نہ ڪرڻ چاهيو
چاچا نہ چوڻ چاهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او بانوري!

او چري، او بانوري
اوري تـــــ آ، او ســـــانوري
ڪنهن لئـ پڳا هـي نيڻ تـو
ڪنهن لئـ سٽا هـي ويڻ تـو
چئـو چئـو مِٽي، چئـ پي ڪٽي
ڏس ڪيـر ٽئـي دل جـو ڏٽـي،
او چـــري، او بـــانوري
اوري تـــ آ، او ســانوري

خـــاموش هـــي چپـــڙا تـــ ڏس
ليـــڙون لٽـــا ڪپـــڙا تـــ ڏس
ڳوڙهـــا تـــ اگهـــ، مڪـــڙو تـــ ڏو
دل ٽـــي ڏري ايـــڏو نـــ رو.

ڪنهن لئـ روئين ڪنهن لئـ رڙين
ســـيني ئـــي ســـيني ۾ ســـڙين
ويـــران دل آليـــون اکيـــون
اٽيـــون چڳـــون خـــاموش تـــون،
او چـــري، او بـــانوري
اوري تـــ آ، او ســـانوري

بهاءِ
ڪي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غمگين ڇو آهين پري
يا، پيار ۾ تي آن ڇري
پائنيان ويو توکي ڇڏي
ڪو بيوفا غم ۾ گڏي

او ڇري، او بانوري
اوري تہ آ، او سانوري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ جو ڀاڳ

راڳ راڳ کي ڀاڳ آ پنهنجو
ڪو سِرُ ساهي ڪو سِرُ لاهي.

ڪو سر چائي ۽ سِرُ پائي،
ڪو سِرُ سوريءَ کي سينگاري
نيرو بنجي روم کي ٻاري
ڪو جهونگاري دل جون ڳالهيون
صحرا جاڳي- ڳولي ڳائي
راڳ راڳ کي ڀاڳ آ پنهنجو.

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙا کھڙا خواب

ڪو ڏاڍ هئو يا ڏانوڙ هو
هيءَ ڪهڙو ظالم سانوڙ هو
ءِ ڪهڙا ڪهڙا خواب هئا
ڄڻ گهائل سرخ گلاب هئا.

ڪو ڄارو هو جو تاري ڪي
ويڙهي سيڙهي واجهه وجهي
ڪنيي ڪينچي ڪرڙينڊو
ويو دور ڪٽي اجياري ڪي.

پوءِ رات جا ديو به جاڳي پيا
ءِ پاڇا پويان ساهه ڪٽي
سسڪي سسڪي ساٽا ٽيا
هڪ لمبي ساري آهه ڪٽي.



بهارن
ڪي
ڇڏيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪ ۾ مڪڙي

مرڪ ۾ مڪڙي، ٿهڪ ۾ ٽانگر
ماٺ ۾ مگرو مهڪي ٿو.
آهين ناهين، ڪاٿي آهين؟
ڪوئي ته دل ۾ دهڪي ٿو.

گيت غزل ۾، بيت بحر ۾
رم جهم جي جهنڪارن ۾
سُر جي خوشبو اُڙي ڦهلي
ڄڻ ڪو پنڇي چهڪي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙا کھڙا گيت

گيت گھڙيا، مون گيت گھڙيا
مون هيرن جهڙا گيت گھڙيا.

جي جر جر جڳ جرڪائن ٿا
مون ڪهڙا ڪهڙا گيت گھڙيا.

جي بوندون بنجي برسن ٿا
۽ تاڙو بڻجي ترسن ٿا

جن تيڙوءَ جهڙو تيج ڏنو
سي اڪ ۽ ڦلهڙا گيت گھڙيا.



بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري

چُوڙيليءَ جو چندن چهرو ساهن منجهه سڳنڌ تہ ڏس،
مُڪڙين وانگر اکڙيون جرڪن، سونو هر هڪ سنڌ تہ ڏس.

مُرڪن سان ٿي ماڻهو ماري، الهڙ جو هيءُ انڌ تہ ڏس،
رات سموري جاڳي آ ڪر، گهنجيل گهنجيل هنڌُ تہ ڏس.

آڏيءَ تاٽي پيار منجهاران، پاڻياريءَ جو پنڌُ تہ ڏس،
پرهہ ڦٽيءَ جو ڪوڏر هيٺان، ڪونجن جهڙو ڪنڌ تہ ڏس.

موتئي جهڙي مَهَڪ بہ ڏس تون، ڪانئر جا تون ٿهڪ بہ ڏس،
چوٽيءَ هيٺان چچريل گلڙا، چاهت جا هي چهڪ بہ ڏس!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ڪڙيوآ

آڏيءَ تاٽي، سيخن پويان، چنڊ ڪڙيو آ سورن جو
سنڌوءَ جهڙين سوچن جو پربت جيڏن پورن جو
چنڊ ڪڙيو آ سورن جو!

خاموشيءَ ۾ سيٽي گونجي، هڪل ڪئي ڪنهن تاوَر تان،
ساهه رُڪيا، سُرهاڻ اٿيا، مَنُ مونجهو آ مجبورن جو
چنڊ ڪڙيو آ سورن جو!

ڳالهه ڳالهه تي ٽوٽ اکين مان، لڙڪ لڙي پيا لاِر جيان،
زنجيرن جي پائل چمڪي، سَنگهرون تالُ تنبورن جو
چنڊ ڪڙيو آ سورن جو!

ڪوليون گوليون، ڏنڊا ٻيڙيون، ڏاڍي جو ڏهڪاءُ ڏسو
خاڪي وردي، غنڊه گردي، هڙو ڪِيسُ ڳلورن جو
چنڊ ڪڙيو آ سورن جو!

بهارن
ڪي
چڻجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو پاڇو

تون چنڊ ستارا ڳولين ٿو
مان چاهت چارا ڳوليان ٿو
تون امبرت ڌارا ڳولين ٿو
مان سونهن سهارا ڳوليان ٿو
تون دردن دارون ڳولين ٿو
مان روڳ نيارا ڳوليان ٿو
تون اُپ اڏارون ڳولين ٿو
مان گيت اجارا ڳوليان ٿو
تون منڙيون مُرڪون ڳولين ٿو
مان ڪڙندا تارا ڳوليان ٿو
تون ڪونجن ڪُرڪون ڳولين ٿو
مان ساٿي سارا ڳوليان ٿو
تون ڳل تي ڳوڙها ڳولين ٿو
مان ڳنڍتي ڳارا ڳوليان ٿو
تون سڏ پڙاڏو ڳولين ٿو
مان پرهه پنارا ڳوليان ٿو
تون شايد منهنجو پاڇو آن
مان توکي پيارا ڳوليان ٿو

بهارن
کي
ڇنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙو آهين

ڪوڙو آهين، ڪوڙو آهين، ڪانئر سارو ڪوڙ بڪين ٿو
تنهنجو سينو ڪارو ڪينو ڪتي جيئن هر ٿانءَ لَڪين ٿو.

پيشانيءَ تي ڪارو ٽِڪو اندر ۾ آڙاهه برئي ٿو
هٿ ۾ مالا، مَنَ ۾ پيالا، مظلومن جو مال تڪين ٿو.

ڏيک ويک ۾ ڏاڍو سادو، لمبو چوغو صاف لبادو
مظلومن کي، مجبورن کي، ڏوکي سان پر خوب ڏَڪين ٿو.

پنهنجي پرِ ۾ پارس آهين، اهڙا ٿو اُهڃاڻ بنائين،
ڏاڍي آڏو ڏيڏر آهين، ڏاڙيلن جي ڏوڙ ڦڪين ٿو.

تعصب تنهنجي تن من ۾ آ، مذهب جي ٿو آڙَ جهلي آ،
ذَرِ ذَرِ گيسِي، درِ دَرِ جانا، ڏاڍي ڪان ڏهه بار ڏڪين ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا منهنجا پٽ!

راجا، منهنجا پٽ، ٻڌي ڇڏ!

هي جي قيد و بند ڏسين ٿو
هي ڦيرا، هي ڦند ڏسين ٿو
جاڙ ڏسين ٿو جيل ڏسين ٿو
ڪوڙا پوتاميل ڏسين ٿو
سي تون سمجهي سگهندين، بابا؟
تون تہ اجا بي سمجهہ ئي آهين!

تون ڇا ڄاڻين وردي ڇاهي؟
نفرت ۽ بي دردي ڇاهي؟
ڪوڙ ڪپٽ ۽ دوکو ڇو آ؟
سچ جو رستو اوکو ڇو آ؟
تون تہ اجا بي سمجهہ ئي آهين!

تون تہ اجا معصوم آن بابا
تون ڇا سمجهي سگهندين، راجا؟
ليڪن منهنجا پُٽ، ٻڌي ڇڏ:
تنهنجو پيءُ ڏوهاري ناهي
خوني، قاتل، ماري ناهي
ڦورو لوبي، ٺوڳي ناهي
ڪوڙ ڪُپٽ جو روڳي ناهي،

بهارن
کي
ڇئجڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تہ فقط هڪ شاعر آهي
لفظن جو هو ساحر آهي
سهڻا مهڻا گيت چوي ٿو
سچ جي آخر جيت چوي ٿو
ڏاڍي آڏو گوڏا ڪوڙي
سجدي کان انڪار ڪري ٿو
ظلم جي پٽڪي لاهي، ڀاهي
ان کي ٿارون تار ڪري ٿو.

هو تہ فقط هڪ شاعر آهي
سوچن جو سوداگر آهي.

ڌرتيءَ سان هو پيار ڪري ٿو
سپنن سان هو جهول ڀري ٿو
سوچن جو سنسار گهڙي ٿو
آشائن جو هارُ جڙي ٿو
پاڳل آ، ديوانو ۽ سودائي آ،
هن جي من ۾ تاڙي جي تنهائي آ.

هن جهڙو ڪو نرمل ماڻهو
جيڪو تنهنجو پيءُ بہ آهي
جان بہ آهي، جيءُ بہ آهي
تنهن ڪهڙو انياءُ ڪيو آ؟
ڪنهن تي ڪهڙو گهاءُ ڪيو آ؟
خون ڪيو آ، ڏوهہ ڪيو آ
ڪنهن سان ڪهڙو ڊوهہ ڪيو آ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا، منهنجا پٽ، ٻڌي ڇڏ:
تون به ته آخر وڏڙو ٿيندين
تنهنجو ڏوهه به ساڳيو هوندو
جيڪو تنهنجي پيءُ ڪيو آ
جنهن جي خاطر جيل ويو آ.

تون به ته ساڳي مٽي آهين
جنهن مان تنهنجو پيءُ اٿيو آ
دوش ٻنهي جو ساڳيو آهي
پاڳ ٻنهي جو واڳيو آهي.

تون به ته آخر وڏڙو ٿيندين-
انيائن جي انڌيارن مان
توکي نيٺ گذرڻو آهي
جيئڻو آهي- مرڻو آهي
ڇو جو تنهنجو ڏوهه به ساڳيو
محبت، مستي، موهه به ساڳيو
جيڪو تنهنجي پيءُ ڪيو آ
تون به ته ساڳي مٽي آهين
تون به ته ساڳيو ماڻهو آهين.

ڏوهه ٻنهي جو ساڳيو آهي
پاڳ ٻنهي جو واڳيو آهي
پنهنجو رشتو مٽڻو ناهي
ڌرتيءَ سان سڳ ٽٽڻو ناهي.
راجا، منهنجا پٽ، ٻڌي ڇڏ،
راجا، منهنجا پٽ، ٻڌي ڇڏ!

بهارن
ڪي
ڇنڊو

(جيل دوران اسپتال ۾ لکيل)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاش

اجا ڪيترا لاش گهرجن اوهان کي؟
اجا ڪيترا
اسان جا هي سندر سهڻا ۽ مهڻا
۽ ڳيرو جوان
اوهان جي بکايل نگاهن جو
بک ٿيندا رهندا؟
اجا ڪيترا
مائرن، پيئرن ۽ ڏيئرن جا سهارا
اجارا بکارا،
ڏامر جي ميري ۽ کهري
۽ اڏڙيل بدن کي
پنهنجو خون هاري، ڏئاري اجاري،
پنهنجي مختصر، بيوس ۽ بي رس
۽ اٽيءَ حياتيءَ کي
پوئين پهر جيئن گذاري،
تڙپي ۽ ڦٽڪي
۽ وڙڪي ۽ سڙڪي
اوهان جي خوشين لاءِ مرندا ئي رهندا؟
اجا ڪيترا لاش گهرجن اوهان کي؟
چئو ڪيترا؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ تہ لاشن جو ڪاٿو ئي ڪونهي!
اسان وٽ گهڻا ئي زنده لاش آهن،
جي "تنظيم، اتحاد ۽ ايمان" جي پيڙهہ ۾
ڪٽيل ڪڪري ۽ واري ۽ بجري
۽ گارو ٿيڻ لاءِ
هر پل هر دم تيار آهن.
اسان وٽ گهڻا ئي
مايوس، مفلس، واندا ۽ ماندا
۽ بيزار بيڪار لاشا بہ موجود آهن،
گولن ۽ گولين ۽ بندوق جي باهہ ۾
اوهان جي انگل تي
سڙي جان ڏيندا،
نہ ڪڇندا نہ پڇندا
نہ چرندا نہ سرندا
نہ ڪا آهہ ٿيندي، نہ ئي دانهن ٿيندي،
نہ انصاف گهرندا.
چئو ڪيترا لاش گهرجن اوهان کي؟

هي سنڌي، جي صوفين ۽ ساڌن ۽ سنتن
جو سنتان آهن،
هي سنڌي، جي سَنڌي ڪان اڻ ڄاڻ آهن،
هي سنڌي، جي سؤدو سڪيا ئي نہ آهن،
هي جيئرا جنازا جواني ڇا ڄاڻن؟
انهن کي حياتي ڪڏهن راس آئي؟
انهن جي جواني تہ تابوت ۾ بند
بس آئي ڪي آئي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجها ڄاڻ آئي.

82

اسان وٽ تہ لاشن جا انبار آهن
اوهان جي انگل تي
جلي جان ڏيندا.
نہ ڪچندا نہ پچندا
نہ چرندا، نہ سرندا.
اوهان جي حڪم جي رڳو دير آهي،
اسان وٽ تہ لاشن جا انبار آهن.
چئو ڪيترا لاش گهرجن اوهان کي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ مان

هو ڪير آهي؟
هو
جنهن جڳ جي جاڳرتيءَ خاطر
پنهنجو پاڻ وڃايو.
جنهن تن، من، ڌن جو دان ڏنو
۽ چاهه جي راهه ٻڌائي.
جنهن لڙڪ وهائي مرڪ ڏني،
۽ نفرت جي ماريءَ، انڌياري
هن دنيا کي
پيار جي پياري سرڪ ڏني.

هو ڪير آهي؟
جو سيني ۾
صدين جو سوداءُ ڇپائي،
طوفانن ۾ لاٽ جلائي،
ميري ڌرتيءَ جي آڳنڌ تي آيو
پير پير ۾ پائي.
جنهن پيار جي بدلي سر تي پاتو
تاج ڪنڊن جو!

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن پنهنجو لاش ڪلهن تي نيئي
گلي گلي ۾ چوراهن تي
جوڙيون پريم جون گرجائون.
هر بار جڏهن ڀي نياءَ انياءَ جي
جنگ ڇڙي،
هر بار جڏهن ڀي ڏاڍ ڏکويو
دنيا کي،
هر بار جڏهن ڀي ڪوٽن ۾
ڪا ڪوڪ اُٿي،
تڏهن اتي هو آيو آ.



واريءَ جي ميدانن ۾
۾ دهشتناڪ سمونڊن پار،
ڌرتيءَ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾،
رام، گوتم ۾ عيسيٰ بڻجي،
زنجيرن کي ٽوڙيندو،
طوفان جا رخ موڙيندو،
هو ايندو آ سوراج کڻي،
هو ڪير آهي، سو هوئي ڄاڻي
پر مام پري ڪا مهما آ!

ڪنهن مون کان پڇيو، مان ڇا آهيان؟
مون ڪي نه ڇيو،
مان چپ ئي رهيس،
مان چپ ئي رهيس جو ڄاڻان ٿو۔
جو ڄاڻان ٿو مان ڇا آهيان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ديس ديس جي پونءِ آهيان،
مان تارن جي پرچائين،
مان جنم جنم جي جاڳرتي
مان بن بن جو بنواري
مون ئي مٿرا ۾ ويهي پنهنجا گهنڊ وڄايا
مندر مندر ۾ مچلي
مون پنهنجا سنک سجايا.
گوتم بڌجي
در در تان مون دان مڱيو.
گانڌي بڌجي
گوليون کائي
ڌرتيءَ کي مون گيان ڏنو.
مان مارئيءَ جو ورلاپ آهيان.
مان قرباني، مان آهوتي
مان آزاديءَ جي آس آهيان،
مان مورڙئي جو ماڳ ـ!
سچ جي خاطر
جو سوريءَ کي سينگار مڃي،
مان سو عيسيٰ،
مان سو هوشو
مان ئي راءِ ڏياچ ـ!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آشا

ڏرتيءَ جي کهري سيني تي،
هڪ لڳا ڪو گل ٽڙيو.
ننڍڙو نازڪ،
پيارو پيارو،
ڪومل پنکيون، سهڻا رنگ،
اهڙو ننڍڙو نازڪڙو
ڪو گل ٽڙيو
کهريءَ ڏرتيءَ جي سيني تي.
ڦول کي ساهه سان سانڍي ڏرتي
مرڪي ڳاٽ ڪٽي
ڄڻ ڪا ماتا،
پنهنجو ٻچڙو ڇاتيءَ ساڻ لڳائي.
ڄڻ ڪو راهي،
بن بن ڍونڍي منزل جو ڏس پائي.
ڄڻ ڪو سامي،
سين هٿي ـ ءِ سامهون ساجن پائي.
هڪڙو اهڙو گل ٽڙيو
کهري ڏرتيءَ جي سيني تي.
پر پوءِ منڙا!
تون ياد آئين،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي اجڙيل ۽ انڌياري
هردي ۾
تون ايري آئين ڦول سمان.
تنهنجي مٺري مرڪ سهاري
جيئان ٿو
تنهنجي پريت جي خاطر ڍوليا،
زهر به مرڪي پيئان ٿو.
شال ڪين تون مرجهائين،
شل تنهنجي روپ امر رهي ـ!

بهارن
ڪي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٽي

خوشبو ۾ لپٽيل
ڳ ريشم ۾ ويڙهيل
ڳ چندن مان جُڙيل
ڳ ڪندن سان جَڙيل
ڳ سُهڻو ڳ مُهڻو ڳ دلڪش
ڳ وڻندڙ
ڳ اهڙو جو ڏسندي ئي هر ڪنهن کي
پل ڪن ۾ موهي ڇڏي
ڳ ڇهندي ئي دل کي تراوت ملي،

ايئن، جيئن تر ٽي
ڪنارن تان ترڪي،
نگاهن نگاهن ۾ پيغام ڪوئي
پريل جام ڪوئي
اڻ لکي، هلڪڙي، ٿورڙي،
بي چئي
جنبش سان ڇلڪي پوي
ڳ امرت جا ٽيپا
هيرا، جواهر ڳ موتي مٽيا
ڳ سونا ڳ روپا سوين رنگ پهري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلابي، عنابي، شرابي وڳن ۾
تڙي رقص ڪن ٿا.

ڀ خوشبو ۾ لپٽيل
ڀ ريشم ۾ ويڙهيل
هو تنهنجو سنيهو-
جو تنهنجي هٿن سان تڪڙ ۾ لکيل
مروٽيل سروٽيل ننڍڙو هي پرزو
جڏهن مون پڙهيو هو
تڏهن منهنجي نيڻن مان
واهُڙ ڦٽا
ڀ سمونڊن جي سيني ۾
هلچل مٿي هئي،

ڀ ڌرتيءَ جي دامن ۾
تانڊا تڙيا ها
هوائن، فضائن، گهٽائن، مان
چيخون اڏيون هون
ڀ ڏڪندڙ هٿن سان
ڀ ٻڏندڙ اکين سان
ڀ گهائل ذهن سان
هڪڙي ئي سٽ کي
مون ور ور پڙهيو هو:

ڀ پنهنجي هٿن سان تڪڙ ۾ لکيل
مروٽيل سروٽيل پرزي ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توئي چيو هو:
ابو ۽ ادو ۽ چاچو وڏو
۽ سارو لڏو
مڙي ميڙ ٺاهي
ڪهاڙيون سنباهي
اڪيلي مون عورت کي ماري ڇڏيندا
ڪري ڪاري غيرت تان واري ڇڏيندا
متيءَ سان سلهاڙي سمهاري ڇڏيندا!



خوشبو ۾ لپٽيل
۽ ريشم ۾ ويڙهيل
۽ چندن مان جُڙيل
۽ ڪندن سان جَڙيل
۽ سهڻو ۽ مهڻو ۽ دلڪش ۽ وڻندڙ
سو تنهنجو بدن
۽ مروٽيل سروٽيل ننڍڙو هي پرزو
تنهنجي جواڻي
۽ تنهنجي ڪهاڻي
۽ تنهنجي پڇاڻي
مروٽيل سروٽيل ننڍڙو هي پرزو!
تنهنجو بدن
۽ تنهنجو ڪفن
۽ تنهنجو وچن!

بهاري
ڪي
ڇُنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار

هي وقت الائي ڪنهن جي ڪارڻ،
ويٺو چارُ وچائي؟
ڪوئي مون کي سمجهائي.

ڪهڙو راڻو ٻيهر ايندو
مومل کي ڏنءُ لائي-؟
ڪهڙي ليلان هيري خاطر،
ايندي پريت رلائي؟
ڪهڙو چارڻ سُرَ تي موهي،
ايندو راءِ ڪُهائي-؟
ڪهڙو هوشو سنڌڙي خاطر،
ايندو سِرُ سهسائي-؟

هيءُ وقت الائي ڪنهنجي ڪارڻ،
ويٺو چار وچائي-؟
ڪوئي مون کي سمجهائي لا!
ڪوئي مون کي سمجهائي.

بهار
کي
چئبو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنسو

پلڪن تي آنسن جا موتي،
پيار جي ريڪا جيون جوتي،
پربت ۾ ڇڻ برڪا برسي
جهومي ڪائي تاري
جهلمل جهلڪي واري،
پلڪن تي آنسن جا موتي
شعلي تي شبنم جا تيرا
ڇڻ ڪا ليلان نير وهائي
پاڻ پلائي پچتائي
ڪونئروءَ آڏو بيٺي آهي
ڪنڌ جهڪائي
هار چني، داڻا ڦهلائي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ڪير آهي؟

هو،
جنهن جڳ جي جاڳرتا خاطر،
پنهنجو پاڻ وڃايو.
جنهن تن من ڌن جو دان ڏنو
۽ چاهه جي راهه ٻڌائي
جنهن لڙڪ وهائي، مرڪ ڏني
۽ نفرت جي ماري انڌياري
هن دنيا کي،
پيار جي پياري مرڪ ڏني،
هو ڪير آهي،
جو سيني ۾،
صدين جو سوداءُ ڇپائي
طوفانن ۾ لاٽ جلائي
ميري ڌرتيءَ جي آڳند تي
پير پير ۾ پائي آيو
جنهن پيار جي بدلي سر تي پاتو
تاج ڪنڊن جو
جنهن پنهنجو لاش ڪلهن تي نيئي
گليءَ گليءَ ۾ چوراهن تي
جوڙيون پريم جون گرجائون



بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر بار جڏهن بہ نياءُ انياءُ جي
جنگ ڇڙي
هر بار جڏهن بہ ڏاڍ ڏکويو
دنيا کي
هر بار جڏهن بہ ڪوٽن ۾
ڪاڪوڪ اُٿي
تڏهن اتي هو آيو آ
هو ڪير آهي؟
هو ڪير آهي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشورو

منهنجو ساٿ نہ ڏيئي سگهندينءَ
موتي وچ — تون موتي وچ.
منهنجي پريت پپيهي جهڙي
منهنجو چاهہ چڪوري ڄاڻي
منهنجون راهون اوکيون آهن
منهنجو پنڌ پرانهون آ
منهنجو جيون جوالا آهي
جنهنجي تاندن تي ئي
منهنجي پياسي من جي
آس ٽلي
منهنجي من ۾ ڪائي سوري
صدين کان سينگاريل آ
منهنجو ماڳ نہ پڇ تون منڙا
منهنجي مڃ
تون موتي وچ.



بهارن
کي
چئبو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون نياپو

تنهنجي چاهت چڪيا آهي
سورٺ آءُ سينگار ڪري
ڀنيٽ ڀنيٽ باهه ٻري

سرڪ بنا ڪيئن سرمد رهندا
پيئڻ وارا مرڪي پيئندا
منصورن کي متوالن کي
زهر به ڏين جو پري پري
ڀنيٽ ڀنيٽ باهه ٻري
سورٺ آءُ سينگار ڪري

ڪانڌن کي ڇا ڪوٽ جهليندا
ڪونڌر آخر ڪسندا رهندا
مستانن جي پروانن جي
سوريءَ ريءَ ڪيئن سري سري
ڀنيٽ ڀنيٽ باهه ٻري
سورٺ آءُ سينگار ڪري

مانجهي ڪهڙا ماڳ پڇين ٿو
پنهنجي منزل دور گهٽو ئي

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڻ اڏاٽا ٻاڻ اسان جا
تارن کان ٻہ پري پري
پنيٽ پنيٽ باهہ ٻري
سورٺ آءِ سينگار ڪري

بهارن
ڪي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اڪيلو

من تي مونجهہ
ساهہ بہ ساٽو
رڪي رڪي ڪو باهہ جو جهوٽو
جيي اڳاري
تهہ تهہ ڪلندو
رچ جي رٽ تي ڪاهيندو
باهہ منجهان باهيندو
هليو وڃي ٿو دور ڏکڻ ڏي
آءٌ اڪيلو
آءٌ اڪيلو ويچارو
گهايل من کي پرڀايان ٿو
يادن جي ڪنهن ڪاڪ محل ۾
دل جو ديپ جلايان ٿو

پر
پر باهہ جو جهوٽو
تهہ تهہ ڪلندو
رچ جي رٽ تي ڪاهيندو
باهہ منجهان باهيندو
ٻيهر موٽي آيو آهي،
آءٌ اڪيلو
آءٌ اڪيلو ويچارو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن مان نه هوندس

جڏهن مان نہ هوندس
تہ منهنجي مٽيءَ مان ڪئين جام جڙندا
ڪئين ڦول ڪلندا، ڪئين گيت گهلندا
۽ ڪينجهر جي ڪپ تي
وري ڄام مڙندا
۽ نوري جي نئڙت ۽ ناز ۽ ادا جا
ڪي ٽانگر بہ تڙندا.

جڏهن مان نہ هوندس
تہ مومل جي ماڙيءَ تي
سومل جي ڪومل ڪرائيءَ ۾ موتئي ۽ مگري
جي گونچن جا گجرا بہ لڏندا
۽ راڻا روسامن جون ريتون وساري
وري منهن انڌاري
ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڏندا.

جڏهن مان نہ هوندس
تہ مارئي جي لوئي وري ماڳ ايندي
وري ڪوٽ ڪرندا
وري گهوٽ گهرندا
وري ڏاڍ ڏاتن سان ڏاري ڇڏيندا.

بهارن
ڪي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهاڻي صبح کي
وري ساهه ڏيئي اجاري ڇڏيندا.

جڏهن مان نه هوندس
جڏهن رات اوندهه لٽائي لٽائي
ڏمر ڏاڍ سارا کٽائي کٽائي
اسان جي اُرهه تي
سوين ڪرڻ ڦهري وهائي وهائي
اکين جي ڏياتين جا ديپڪ سهاڻا
اجهائي اجهائي
گهڻي دير گهاري
جنجهوڙي جنجهوڙي هٽائي مٽائي
عمر سومري جيئن
آخر تہ مايوس ناڪام بڻجي
ٽڪي هارجي
۽ پنهنجي شڪستن جي قبرن مٿان سر ٽڪائي
سمهي نيٺ پوندي

جڏهن تنهنجي ترڪش ۾ ڪو تير باقي نہ رهندو
جڏهن سج سڪن جو ڪڏهن ڪين لهندو
جڏهن منهنجا جوڌا ۽ دودا
سرن جا بہ سودا ڪندي ڪين گسندا
جڏهن گيت گوليون
جڏهن ڇيڄ ڇوليون
جڏهن ٻاڻ ٻوليون بڻي نيٺ اڏندا.

بهارن
کي
ڇئبڙه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن جوت جاڳي
۽ راڳي ويراڳي بڻي راءِ ڪهندو
تڏهن منهنجي ڌرتيءَ جا سرتا سڄيلا،
اڏيءَ تي اڏاٽا اڏاٽا اڏاٽا ئي ايندا،
ڪي هيمون ڪي هوشوءِ رزاق* پارا،
ڪي يوسف لغاري، ڪي جڪراڻي** جيارا،
وري ڏوڙ ڌرتي وري نينهن نعرا،
وري گهوٽ گهايل وري درد ڌارا،
وري ساهه سوريءَ جا ڳولي سهارا.

بهارن
ڪي
ڇئجو

* شهيد رزاق سومرو
** يوسف جڪراڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو موت

اهو موت، جيڪو حياتيءَ جي منزل،
اهو موت، جيڪو ستارن جو ساحل
اهو موت، جيڪو بهارن جي خوشبو
اهو موت، جنهن ساڻ سڏڪي ٿو سنڌو
اهو موت، ها، ها، اهو موت مون لاءِ امر زندگي آ.

پٽائيءَ جي پاٽن تي اکڙيون وڇائي،
ڪنڌڙو اڏيءَ تي رکي سر سهائي،
مران شال هر پل نئين جوڙ پائي،
جو سنڌڙيءَ کي سجدو منهنجي بندگي آ،
اها بندگي آ
اها بندگي آ، اها بندگي آ،
اهو موت مون لاءِ امر زندگي آ!

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميدن جو شهر

هيءُ شهر بہ ڪوئي شهر آهي؟
هت در در ڇڙ ڪوئي دار آهي
هت جيوت ڇڙ ڪو ڇار آهي،
هيءُ شهر نہ منهنجو شهر آهي
هن شهر جي رسم نرالي آ!
هن شهر جي اونچن محلن کي
محنت ئي خون پياريو آ
۽ رنگين روشن گلن کي
غيرت جي مڏم لاٽ ڏئي
غربت ئي تہ جياريو آ
هت مارئي جا ورلاپ گهٽيا
هت مومل جا محلات لٽيا
هت مريم تي الزام پيا
هت سيتا تي پي واڪ ٽيا
هن شهر جي رسم نرالي آ!

II

ڪو شهر هجي اميدن جو
جت آس هجي
پر پياس ٻجهي

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت ساز چري، آواز ٻري
۽ روح ۾ ڪوئي راز سُري
جت صبح هجي ـ رنگين صبح
۽ شام ٻه سون پگهاري ـ لا!
جو فردا جو ڪو غم نه ڪري
۽ ماضي ڏي نه نهاري ـ لا!
ڪو شهر هجي اميدن جو
جت سوريءَ جو معراج هجي
جت منصورن جو راج هجي
پوءِ نيٺ ته رات ڪٽندي هو!
آخر باڪ ٻه ڦٽندي هو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوابن جو موت

ٻار ڳائن ٿا:
ڇِيڪلي پايان
پير گسايان
پير ۾ ڪنڌو صاحبلوڪ منڌو.

پل ۾ پل آ،
پل پل مان پل ٿو ڇاپي!
جنهن جنهن پل کي پنهنجو ڇاتو
تنهن ئي ڪُلَ جو راز سڃاتو!

اهڙيءَ ئي ڪنهن آس-گهڙيءَ ۾
ننڍڙي نينگر
سک جا سپنا ڳولي ٿي
اميدن کي ڦولي ٿي.

ليڪن وقت جون ويري ويرون
ڪنهن کي سيج تي سکڙا ڏيندیون
ڪنهن کي ڏاڄ ۾ ڏکڙا ڏيندیون
ڪنهن کي ڪُلَ آ؟
شاديءَ جا مهمان اُٿي ويا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنبوءِ تولان ڪجي ويا
سيج سينگاري مڪڙيون مهڪيون
سڀ سهيليون مرڪي ٿهڪيون...

پوءِ ڪاٿي ڪا آهٽ ايري
لڄ جي ماري ڪنوار ڊرڪي
ڪوئي هوري هوري آيو :

ٽڪ۔
ٽڪ۔
ٽڪ۔
ڪاٿيءَ جي ٽنگ رڙهندي آئي
رڙهندي آئي
رڙهندي آئي.
ڪنوار جون نظرون غاليچي تان
خوشبو سان هٻڪاريل ڪٽ تان
تحفن سان ٽمٽاريل پٽ تان
ڏاج ڏيوڙ جي ڏکندڙ ڦٽ تان
اٿنديون اٿنديون هن تي ڪپن ٿيون.

هو
ڪراڙو دولتمند آ۔
جنهن جي مٿ ۾ لڇمي بند آ،
هن جي دولت، ننڍڙي نينگر!
تنهنجا خواب خريديا آهن!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو

جو پنهنجي ڪاٽيءَ جي مصنوعي ٽنگ ڪي،
هوري، هوري، کولي ٿو پيو.
بڪلن جا بند ڳولي ٿو پيو ـ!

ءِ هوءَ، ڏکويل ڏهڪايل
حسرت مان
ڪو پل ياد ڪري ٿي:
ڇِيڪلي پايان پير گسايان
پير ۾ ڪنڊو
صاحب لوڪ منڊو، صاحب لوڪ منڊو، صاحب لوڪ
منڊو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاڳي

وري رات جا ڪات ڪڙڪي اٿيا
وري خون خوابن جو هر سو ٿيو
وري خشڪ ڌرتيءَ جي صدين کان سانديل
انڌيري تهن جي، سحر جي ستايل
ڪا ديرينہ خواهش
ڪنهين اپسرا جيئن پرڙا پٽاري
اڏامي اُٿي آ!

وري روح راٽي جو ساٿو ٿيو آ!
وري ڪاڪَ ماڻڻ لاءِ
چانگي تي ڪوئي
ڪتين جي سهاري
انڌيرا اجاري
پرينءَ کي پڪاري
هليو آ ـ هليو آ.

ڀ مومل جي ماڙيءَ جا
ديپڪ اجهاميل
وري وقت جي وير واري بہ آيا!
انڌيري ڀ سنسان ڪنڊر ۾ سايا
گهٽي دير هڪيئي کي ڇهندا ئي رهندا

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀ ڄاڻڻ سڄاڻڻ ڀ ماڻڻ جي خواهش
دلين ۾ ئي سانديءَ
گهڙيءَ پل لئہ جاڳي
مگر پوءِ ساڳي
اوندهہ ۾ گم ٿي
اجهامي، اجهامي، اجهامي ئي ويندا.

تڏهن ڪوئي سايو
ڪينجهر جي ڪپ تي
هوري، هوري آيو.

ڪينجهر ۾ اڄ پر ڪا ڪشتي نہ آهي
لهرن جي لڙ ۾ ڪا مستي نہ آهي
ڪائي لاٽ سُرجي، نہ رقصان جواني
نہ راڻيون — نہ واڻيون
نہ رنگين ڪهاڻيون،
نہ گندري، نہ گندريءَ جو ورلاپ آهي
نہ راڻو نہ مومل، نہ سهڻي، نہ ميهر
نہ ليلان، نہ ڪونئرو نہ راجا چنيسر
نہ داڻو نہ داڻي جو چمڪو ئي آهي
نہ ٻيجل- نہ ٻيجل جي سُرَ جي صدا آ.

فقط خاموشي آ
الا! خاموشي آ.
ڪوئي ناهي
ڪوئي ناهي
منهنجو هٿڙي ڪوئي ناهي

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتڙي ڪنهن جو ڪوئي ناهي
ڪوئي ناهي ـ!

تڏهن اوچتو
دل جي تاريڪ تهہ مان
ڪو احساس آ جو پڪاري پڪاري
بغاوت جو پرچم اڏاري اڏاري
چوي ٿو تہ:
مان ڄام آهيان ـ مان ڄام آهيان
۽ منهنجي نوري، سوري آهي
منهنجي ڪينجهر ڪپ تي ڪائي
گندري اڄ ڀي پوري آهي ـ

مان ڄام آهيان، مان ڄام آهيان
مون جهڙو ڪوئي ڄام نہ آ ـ!
پڌا! اي ڄام تماچي تنهنجا
جام سمورا پوريان ٿو
سما! تنهنجي ڪينجهر ڪارڻ
پنهنجو سڀ ڪجهہ گهوريان ٿو.

ڌرتيءَ جون ڪومايل مڪڙيون
پنهنجي دامن ۾ پائي مان
چپي چپي تي قنديلون
ٻاري ٻاري آيو آهيان ـ
هوشوءَ واري هوڏ وري اڄ
جياري جياري آيو آهيان
متوالن کي ميري مٽ مان

بهارت
کي
چئجهہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا شيءِ ٻيهر
پياري پياري آيو آهيان.

تو ڌرتيءَ کي آڪاس ڏنو
مون پستيءَ کي وشواس ڏنو
تو اوندهه کي اتساهه ڏنو
مون جنم جنم جي اونداهين کي
قرباني ءَ جو واس ڏنو
تو پريت ڏني مون ريت ڏني
تو چاهه ڏنو مون ساهه ڏنو،
ڪلهه توسان نوريءَ نياز ڪيو
اڄ مون تي سوري ناز ڪندي!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڪات ڪٽي...

تون ڪات ڪٽي
مون ڏانهن اچين ٿو ڪاهيندو
۽ وات هٽي
سنسار سڄي تي باهيندو.

ڄاڻان ٿو تون ڪک بہ نہ آن
۽ منهنجي در جي رک بہ نہ آن
پر ڍاڙ هٽين ٿو لک لک جي،

اهڙي ڪائنر گيديءَ ڪان
مان پنهنجو پاڻ بچايان ٿو
۽ اک جي پيڙيءَ سان ڏسي
مان لوٽيو چئي لنوايان ٿو.

پر تنهنجي من ۾ شور ڏسي
۽ هوڙهيائي جو تور ڏسي
مان سوچيان ٿو:
چائنٽ تي ڪو ڪتو پونڪي
ڪٽتيءَ مان ڪو ڪات ڪري
۽ پاڙيو گذري پر منجهان
آهيڙي اونچو ڳات ڪري

بهارن
کي
چڻجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي گيديءَ گولاڙي کي
رانياڻي ۽ راڙي کي
چٽ ڏئي چيٽاڙي ڇڏجي
سؤنٽن ساڻ سلهاڙي ڇڏجي
ڪاري ماري، ساڙي ڇڏجي.

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳي!

تنهنجي سُر ۾
غم جي پيڙا
ڪير اياڳي جاڳي
تو ڪان وڇڙي،
ڪنهن لاءِ دنيا
تو آ تياڳي
ڪنهن لاءِ ترسن، تنهنجون اکڙيون
ڪنهن لئہ تنهنجا
ساز سوالي؟
ڪنهن کي ڳولن
تنهنجون آهون
ڪنهن لئہ آهين
بنيو ويراڳي
تنهنجي سر ۾
ڪهڙي پيڙا جاڳي
راڳي!

بهارن
کي
ڇنڊجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ ڪٿي آ

ننڍڙي هوندي، ماءُ جي هنج ۾
هڪڙي پيري
انگل سان مون
چنڊ گهريو هو
امڙ منهنجي، مرڪي مون کي "چنڊ" چيو هو

اڄ وري مون
سالن کان پوءِ
چنڊ کي پائڻ چاهيو آهي-
ليڪن مون کي چنڊ چئي پرپائڻ واري-
ماءُ ڪٿي آ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ وڏي ڏوهاري آهي

قيد تہ ڪوئي پيجرو آهي
جنهن ۾ بند آ پراڻ- پکيئڙو
آزادين کان وانجهيل جيئڙو
جنهن جو سيڪجهہ رهجي ويو آ،
لوهي دروازي کان ٻاهر،
اوچي ديوارن جي پويان.
جنهن جو سيڪجهہ کسجي ويو آ
بند گلين ۾
پول پلين ۾
آڏن ترڇن رستن تي
ننڍڙن، تنگ فليٽن ۾.

ڪيئي ڪاڪ ڪهاڻيون آهن
قيدي هر هڪ کوليءَ ۾:
ڪيئي خواب اڏورا آهن-
هر باندي ءَ جي جهوليءَ ۾،
ڪي ئي گيت سوالي آهن
خشڪ چپن تي
اڻ ڳاتا، اڻ پورا آهن.
ماڻهو آهن، موهہ نہ آهي،



بهارن
کي
ڇئجہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يادون آهن.
يادن جي تابوتن ۾ ڄڻ
ٿوهر جهڙو زهر پريو آ،
جنهن مان قطرو قطرو وهندي
تن جو ماضي ٽپڪي ٿو.
آزاديءَ کان وانجهيل جيئڙا
سوين هزارين پراڻ- پکيئڙا
تڙپي تڙپي
ڪنيڙيون ڪوهي
سامهون واري لوهي در ڏي
واجهائن ٿا آسَ- اکين سان.

روز اٿن ٿا
اميدن جي آڌر تي
خوابن جي انڌيارن مان
مُردن جيئن مزارن مان،
نئين صبح جو ڪفن هٿائي
روز تڪن ٿا
بُرجن پويان
سرندڙ سج جي ڪرڻن کي،
پنهنجي جُهرندڙ جيون کي.

مان به انهن مان هڪڙو آهيان
جنهن جي من ۾ ٿوهر آهي،
جنهن مان قطرو قطرو ٿي ٽپڪي ٿو
منهنجو ماضي.
اهو ئي ساڳيو زهريلو ٿوهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پوڪيو هو پنهنجي من ۾-
پنهنجي گهر جي در کان ٻاهر
وڃ رستي تي.

اهڙا ڪيئي ٿوهر ويهي پوڪيا ها مون
پنهنجي پيارن ۽ گهر وارن
جي راهن ۾-
نعرن سان
تحريرن سان
تقريرن سان
۽ اڻ ڄاول ۽ اڻ ڄاتل
خوابن جي تعبيرن سان.

مون تہ ٻڌو هو:
"سچ وڏو ڏوهاري آهي"
ليڪن هاڻي
لوهي دروازي جي پويان
سيخن اندر
جيءَ ۾ هر هر
ڪنڌ جهڪائي جهونگاريان ٿو:
"سنڌ وڏي ڏوهاري آهي!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سراب آزاديءَ جو

ڀ اهي
پنهنجا جن چپ سبائي ڇڏيا ها،
ڀ اهي
جن ڪن پنهنجا ٻوڙا ڪيا ها،
ڀ اهي-
جن اکين کي لنبائي ڇڏيو هو
ڀ خوابن جي خيمن کي ساڙي ڇڏيو هو
ڀ سوچن تي پهرا ويهاري ڇڏيا ها
ڀ ناؤ اميدن جي لوڙهي ڇڏي هئي
ڀ ٻوڙي ڇڏي هئي ڳنن منجهه هستي ڀ مستي
ڀ ڪستو ڪٽي بيڪ گهرندا رهيا ها
امن جي
صلح جي
سانت جي.

ڀ اهي-
جن لهوءَ جي لالاڻ ۾
روح پنهنجي کي ريٽو ڪيو هو
ڀ اهي-
جن وڏي چاهه سان

بهارن
کي
ڇئبو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهُريل پنهنجي جُهوپي تي
جهنڊو هنيو هو
۽ پيرو ڪنيو هو
ورهين جي واسينگ جهڙيءَ ڪاري رات جو

۽ اهي-
جن وڃائي ڇڏيون هيون
جوانيءَ جون راتيون، محبت جون باتيون
سلاخن جي پويان
سوين درد سهندي
۽ گمنام رهندي

۽ اهي-
جن جي پيرن ۾ پازيب زنجير جا پيا ها
۽ ڪراين ۾ گجرا ها پيڙين سندا
۽ ڳچيءَ منجهه سوريءَ جي
مالها سجي هئي.

۽ اهي سڀ-
جي ڪُوڙن بدوڙن ۽ ڪوڙن
جي پوَ ڪان ڊنا ڪين ها
۽ جن جي اکين ۾
عزم جي ڏياتيءَ سوا ڪجهه نه هو
۽ جن جي عزم ۾
عزازيل جهڙي خودي هئي،
خدا هو
خدائي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهي سڀ-
صدين کان وڃايل، اڃايل، ستايل
ڪروڙين ۽ اربين ۽ پدمين غلام
جنين زندگيءَ ۾ بهارون نہ ماڻيون،
سهارن جي ڳولا ۾ ڀٽڪيا جي در در
۽ جن جون بنا مُلهہ نياڻيون وڪاڻيون،
ڪڏهن جابرن جي
ڪڏهن آمرن جي
ڪڏهن قاتلن جي
هو بوٽن جي هيٺان چيٽاڙيا، چيپاٽيا
۽ چيچاڙيا ويا،
ڪهاڙين ۽ ڪاتين ۽ تيرن ۽ تبرن
۽ نيزن ۽ گولين ۽ بارود جي باهہ ۾
هو سيئا، سيڪاٽيا ۽ ساڙيا ويا،

۽ اهي سڀ-
صدين کان وڃايل، اڃايل، ستايل
ڪروڙين ۽ اربين ۽ پدمين غلام
وري پنهنجي ڌرتيءَ جي ڌرڙُن مان ٻيهر اٿي پيا؛
انهيءَ آس تي
تہ تارن ۽ ڪتين ۽ ٽيڙن جي وچ ۾
نئون ڪو گرهہ هاڻي نروار ٿيندو
۽ ظالم ۽ جابر ۽ آمر ۽ ڪانئر ۽ قاتل
جي سر تي وڏو وارُ ٿيندو!

نئون تارو آيو
۽ ٽمڪيو ۽ چمڪيو ۽ ٽلڪيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڦرندو ۽ گهرندو ۽ ڊرندو ۽ ورندو
ذري پل لئہ ڌرتيءَ کي ڇهندو هليو ويو!
گهٽو دور پولار جي پيچرن ۾
هو ترندو ۽ ڇُرندو ۽ سُرندو هليو ويو!

۽ اهي-
پنهنجا جن چپ سبائي ڇڏيا ها
۽ اهي-
جن ڪن پنهنجا ٻوڙا ڪيا ها
۽ اهي-
جن اکين کي لنبائي ڇڏيو هو
۽ خوابن جي خيمن کي ساڙي ڇڏيو هو
۽ سوچن تي پهرا ويهاري ڇڏيا ها
۽ ناؤ اميدن جي لوڙهي ڇڏي هئي
۽ ٻوڙي ڇڏي هئي هستي ۽ مستي
۽ ڪستو ڪٽي بيک گهرندا رهيا ها:
امن جي
صلح
سانت جي،
سي ڌرتيءَ جي درزُن ۾ ٻيهر سمهي پيا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باغيءَ جي آخري رات

اڃا ته وقت پيو آهي منهنجي رخصت ۾،
اڃا به ڪجهه ته چئو ڪجهه ته ڪٽي ڳالهايو!
اڃا ته دار جو تختو سجيو ئي ناهي پرين،
اڃا ته وقت جي نبضن ۾ جان باقي آ،
اڃا ته درد جي صحرا جو سفر جاري آ،
اڃا ته پير جا زنجير خون چوسن ٿا،
اڃا ته ساهه جو سُڏڪو به ختم ناهي ٿيو،
اڃا ته وقت پيو آهي منهنجي رخصت ۾،

اڃا ته دار جو تختو سجيو ئي ناهي پرين!
اڃا ته تنهنجي نگاهن جي جوت جاڳي ٿي،
اڃا ته مئڪدي مان روشني اچي ٿي پئي،
اڃا ته ناز مان ڪا نرتڪي نچي ٿي پئي،
اڃا ته پرهه جا پياسا پري کان پنڌ پچي،
سرن جو دانُ ڪٽي،
چيج پائي ڳائيندا،
اچن ٿا ميڙ ناهي مقتل ڏي!
اڃا ته وقت پيو آهي منهنجي رخصت ۾،
اڃا ته ساهه جو سُڏڪو به ختم ناهي ٿيو!
اڃا به ڪجهه ته چئو

بهارن
ڪي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه تہ ڪٿي ڳالهايو.

اها ئي ڳالهہ ڪيو جا اسان جي پنهنجي آ،
اها ئي ڳالهہ۔
جا اسان کي پياري آ.
لهوءَ جي ڳالهہ ڪيو لاڏلن جو ذڪر ڪيو
زمين جي ڳالهہ ڪيوءِ وطن جو فڪر ڪيو.

انهن جي ڳالهہ ڪيو جن چميو هو منزل کي،
دغا جا زخم سهي
دوکي جي ديوار ڏسي
ڏروبہ ڪين ڏريا ها توهان جي گولين کان.
انهن جي ڳالهہ ڪيو جن ڪُٽو هو قاتل کي؛
هٿن کان خالي هئا
هٿيار سندن نينهن هئو.
وري وري تي وڙهيا دوبدو دونالين سان.



انهن جي ڳالهہ ڪيو
جي اسان جو جسم هئا
جان هئا؛
اسان تان وار جي ويا
پر اسان جو شان هئا.
انهن جي ڳالهہ ڪيو — يا پيلي ٻي ڳالهہ ڪيو
ڪجهه تہ ڪٿي ڳالهايو.
ڪٿي ايئن نہ ٿئي۔
ها، ڪٿي ايئن نہ ٿئي
جو اسان جي خاموشي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوصلو وڏائي ڇڏي ويرين جو.
اسان جي ماڻ کي هو مات چون!
ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو توهان جا لڙڪ ڏسي
ذرو بہ مرڪ اچي ظالمن جي چهري تي.
ڪٿي ايئن نہ ٿئي، منهنجي وڃڻ کان پهرين
ڪوئي سرهاڻ ڪري
سڏڪي پوي
روئي ڏئي.

جي ڪوئي لڙڪ ندامت جو لڙيو آهي ڪٿي
تہ اهو موت کان اڳ موت ٿي ورندو مون تي!
مان تہ سورهيہ آهيان
سوڍو آهيان
سنگهار آهيان.
مان تہ خود سوري آهيان
دار آهيان
وارُ آهيان!

اجا تہ وقت پيو آهي منهنجي رخصت ۾،
اجا تہ درد جي صحرا جو سفر جاري آ،
اجا تہ ساهہ جو سُڏڪو بہ ختم ناهي ٿيو
اجا بہ ڪجهہ تہ چئو ڪجهہ تہ ڪٿي ڳالهايو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي پڇاڻا

اوهان جي پڇاڻا
نہ بلبل ئي چهڪي، نہ مکڙي ئي مهڪي،
نہ بادل ئي برسيا، نہ ورسيا وٽاڻا ـ
اوهان جي پڇاڻا!

اوهان جي پڇاڻا
اسان روح کي جڙ نچوڙي چڪاسين،
اداسي نگاهن ۾ تشنہ لبن سان
هر گام،
هر شام توکي پڪاري ٿڪاسين،
مگر تون نہ آئين،
نہ آواز آيو
بهارون نہ موٽيون
۽ ڪونجن جون وڇڙيل قطارون نہ موٽيون،
گلن جا زخم ڪين پريا، نہ پريا،
ويا دور وڇڙي سي ساٿي نہ وريا،
ساقي سمهي پيا ۽ مقتل وساڻا ـ
اوهان جي پڇاڻا!

چراغن جا دونهان،
فضائن ۾ گم ٿي

بهارن
کي
ڇنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستارن کي ڇهندا،
گهٽو دور
ڪنهين قافلي جي مڌم تلين جيئن
اڏندا ئي رهندا:
۽ گلشن ۾ خوشبو
جواني لٽائي،
ننگي نياڻيءَ جيئن بازار ۾
هر راهرو آڏو هٽڙو وڏائي،
حياتيءَ جو دان مڱندي ئي رهندي،

ڪنارن تي رنگين آنچل بہ اڏندا،
۽ چولين جي چِرَ تي ڪي مدهوش جوڙا،
نگاهون ملائي، ڪلي مسڪرائي،
اميدن جا موتي پلاندن ۾ پائي،
تلندا ئي رهندا، ملندا ئي رهندا.

مگر منهنجي دامن ۾ تارا نہ آهن،
اداسي اکين ۾
فقط چند بي سود آنسو ئي آهن:
آنسو
جي گيسو سنواري نہ سگهندا،
مٽا! تنهنجو مکڙو اجاري نہ سگهندا.
ڍِچان تو
تہ راتين جي خاموش وادين ۾ سائين،
اهي تنهنجا تحفا، اهي منهنجا ساٿي،
گهٽا ڏينهن مون سان بہ گهاري نہ سگهندا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تير

تنهنجي اپاڳي بندوق مان
نڪتل هوءَ گولي
منهنجي اندر جي،
نظر جي، جگر جي،
هُن پار اتري تہ وئي آ،
هر جيءَ جي آس وکري تہ وئي آ،
۽ تارن پري رات گذري بہ وئي آ،
تون پنهنجو فڪر ڪر!
اي آمر ۽ جابر ۽ قاتل ۽ ڪانئر،
تون پنهنجو فڪر ڪر،
تون پنهنجو فڪر ڪر تہ ان تير کي
ڇا ڪندين، جو اڏندو اچي ٿو
۽ ان ٻيڙي جو ڇا ٿيندو
جو ٻڏندو وڃي ٿو؟

ڪوڙ

ڪوڙ ڪي سڳ ٿيندا آهن ڇا؟
مون کي تہ نظر نٿا اچن:
تون ئي ڪٿي پاڻ کي
آئيني ۾ ڏس!
آهن؟
ناهن نہ؟
پوءِ ڪيئن ٿو چوين
تہ ڪوڙ ڪي سڳ ٿيندا آهن؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واڳون ۽ جا ڳوڙها

واڳونءَ جا ڳوڙها
تنهنجي اکين ۾ سونهن ٿا.
واڳون ته خود حيران آهي
ته هيءُ منهنجو بابو
ڪٿان آيو؟



بهارن
ڪي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي غدارو!

اي غدارو
اي مڪارو
اي هچارو!
اوهان ناننگ لڄايو آ
اوهان ڏاڏنگ لڄايو آ
اوهان پنهنجي اگهاڙي لوپ لالچ
۽ انا خاطر
سڄايو آهي پنهنجي سيج ڪي
جيجل جي پوتيءَ سان
۽ پيٽن جي چوليءَ سان.

توهان پنهنجي وطن جو ننگ
ڪنهنبو رنگ
هر هڪ دنگ
سر بازار واڪيو آ.

توهان سودو ڪيو آهي
امڙ جي پاڪ مٽيءَ جو
وطن جي گهيڙ گهٽيءَ جو
شهيدن جو

بهارن
ڪي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڃاڻن جو
بهادر پيئرن جي سينڌ جو
ونين وٽاڻن جو.

توهان سودو ڪيو آهي
انهن معصوم لاشن جو
جي اوهان جي آبروءَ خاطر
اتت ۾ مارجي ويا ها.
نہ گولين جي
نہ گولن جي
نہ ٻچڪار ٻولن جي
ڪري پرواهہ ڪائي ٻي
وطن تان وارجي ويا ها.

توهان سودو ڪيو آهي
ٻنين ٻارن ۽ نارن جو
ڪئين معصوم مرڪن جو
ڪئين بي خوف تهڪن جو
۽ ڳيچن جو
۽ ڇيڇن جو
۽ سهرن جو
۽ لولين جو
۽ سنڌوءَ جي لهرن تي ترندڙ چنڊ جو
جهلمل ستارن جو
اوهان سودو ڪيو آهي.
اوهان جهڙا ڪئي ڏوهي
ڪئي مجرم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي جابر، ڪئي شاطر
اوهان کان اڳ بہ آيا ها،
ميان تويائ ها پنهنجا
۽ جيجل جا ڄايا ها.
اسان جا پنهنجا ها ليڪن
وڪامي ويا ها دڙڪي تي
يا دولت جي ڪڙڪي تي.

انهن جو نانءُ ۽ نيشان
اوهان کي ڪو نظر آيو؟
انهن جي موت تي رنو هو ڪو؟
ڪانڌپي تي ڪو بشر آيو؟

ويڙهجي سيڙهجي تواريخ جي مير ۾
ويا ها پورجي لعنتن جي ڍير ۾.
اوهان جو يي حشر ساڳيو ئي ٿيندو
بي فڪر رهجو
اوهان جي ڍونڍ کي ڪانڌي نہ ملندو۔ بي فڪر رهجو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چؤواٽو

هن شهر جي هر چؤواٽي تي
مان ڳاٽن جا فانوس ڏسي،
ڪا پلڪ تہ بيهي سوچيان ٿو:
هيءُ ڪنهن جو ڪنهن جو سِرُ آهي،
هيءُ ڪنهن جو ڪنهن جو خون آهي؟
هر لاش تہ هڪ ٻئي جهڙو آ
۽ خون بہ ساڳيو ساڳيو آ،
پوءِ ڪنهن کي ڪنهن کي نانءُ ڏيان
۽ ڪنهن کي ڪنهن کي ڏار ڪيان،
هر لاش تہ هڪ ٻئي جهڙو آ.

هن شهر جي هر چؤواٽي تي،
نيزن جي هر نوڪ مٿان
مان پنهنجي پاڻ کي پايان ٿو:
هر ٽيپو منهنجو پنهنجو آ،
هر سِير سريءَ تي ڀانيان ٿو.
هن شهر جي هر چؤواٽي تي
مان لاٽن جيئن لالاڻ ڪري،
ٻرندس، ٻرندس، ٻرندو رهندس۔
تيسين،
جيسين اُڀَ ۾ ڪائي وڄُ تري،
۽ بَرَ ۾ ڪائي باهہ ٻري!

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهار گهرجي

سَنگهرُن جي سِتارَ جاڳي،
مجرمن جي پُڪار جاڳي،
تهمتن جي حِصارَ پويان،
نفرتن جي ڏڪار جاڳي.

زمين جاڳي،
زمانو جاڳيو،
لهو بہ جاڳيو
ترار جاڳي،
بهار جاڳي!

تڙي پيا سَڀُ زخم دل جا
ڪڙي پيا درد جا ستارا ـ
محبتن جي مڏر مڏر مهڪ ۾ هئا
چهڪ شامل جدائين جا.
عبادتن جي عذاب کان وڏ،
لذتون ڪجهہ گناهہ واريون،
حجاب لاهي، هجوم ٺاهي
سي گاهي گاهي
مڙي اچن ٿيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثواب سارا
گناهہ سارا،
تر برن ۾ ۽ رڻ پٽن ۾
اداس نسلن جا ڪاروان ڪي
منزلن جي مسافتن ڪان
دل گرفت
ٿڪا ٿٽا اڄ، وري ورن ٿا
اَچا اُچارا.
ٻڌو ڪفن پوش بي زبانو!
توهان جي تقدير مون لکي آ.
اوهان جو ڪوئي قصور ناهي
اوهان جي تقصير مون لکي آ.
اوهان جي معصوم خواب پاليا،
انهن جي تعبير مون لکي آ.

توهان جي اکڙين ۾ جوت ناهي
اُلا ٿا پڙڪن،
توهان جي سوچن ۾ سرءُ جي ڪا
اداس ٽاري ڦُٽي پئي آ.
توهان جي ذهنن ۾ بي وسيءَ جي
انڌيري واري وَسي پئي آ.
توهان جو ماضي مري ويو آ،
وجود سارو ٽري ويو آ.

بهارن ڪي ڇئجو

نہ ڪوئي جادو
نہ ڪوئي ٽوٽو نہ ڪوئي ڦيٽو
نہ ڪي دوائون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪي دعائون
توهان جي بي جان مرده جسم ڪي
جيئاري سگهنديون.

توهان ڪي فقط آس جو واس گهرجي
ڪوئل جي آزاد ڪوڪار گهرجي
موتئي ۽ مگري جي مهڪار گهرجي
هوائن جي هستي ۽ رفتار گهرجي.
جو زنجير ٽوڙي
۽ مهمير موڙي
اهو پيار گهرجي
بهار گهرجي
بهار گهرجي
بهار گهرجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙو پرم

آهي ناهي، ناهہ تہ آهي
جهڙو تهڙو ساهہ تہ آهي.
اهڙو ساهہ جو گهوري سگهجي
تارازيءَ ۾ توري سگهجي
ساري سگهجي
واري سگهجي
پل پل جاڳي، گهاري سگهجي.

جنهن جي دم سان
دَم ۾ دَم آ
رنج والم آ غم ئي غم آ.
جاڻان تو هي ڪجهہ بہ نہ آهي
ڪوڙو پرم آ
ماڻهوءَ کي ڪيڏو نہ وهم آ!

اهڙي ساهہ بي ساهہ مٿان
ويساهہ بہ ڪهڙو؟
هاڻي آهي
هاڻي ناهي:
ايندو ويندو ڪنهن نہ ڏٺو آ
ليڪن يارو ساهہ مِنو آ.

بهارن
کي
ڇڏجہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر پوءِ پي ڪي اهڙا ماڻهو
تو جهڙا، مون جهڙا ماڻهو
ساهہ ڪي سَوَ سينگار ڪرائي
نچي ڪُڏي ۽ چيريون پائي
مر ڪي مقتل ڏانهن اچن ٿا!
پنهنجي هٿ سان
سُوري سوري،
سِرڙو گهوري،
تختي جهڙي تخت تي جهولي
خوب نچن ٿا.
اهڙا ماڻهو مرڻا ناهن
ٻيهر موتي اچڻا آهن.
جَرَ جي جارَ ۾ جاتي بنجي
ٽچڪي ڦٽڪي پچڻا آهن.
اهڙا ماڻهو
تو جهڙا، مون جهڙا ماڻهو.
ساهہ جي سنهڙيءَ ڏوريءَ ڪي
سَٽَ ڏئي، ساٿيهہ جي خاطر
ناتا توڙي
منهن ڪي موڙي
نيٺ آمر تي ويندا آهن.
اهڙا ماڻهو مرڻا ناهن
ٻيهر موتي اچڻا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڊڙي آهين

نينگر ڏاڍي ننڊڙي آهين،
برهہ جون باتيون سهي نہ سگهنديءَ،
چانڊوڪيءَ جون ڪاريون راتيون
سهي نہ سگهنديءَ
ننڊڙي آهين.

پَنَ جو ڪڙڪو دل جو ڏڙڪو
ٽڙ ٽڙ ٽڙ ڪي هونديءَ تون
ڇيڪ ڇڙَنِ جون تاٽيل ڇاتيون
سهي نہ سگهنديءَ
ننڊڙي آهين.

رڳ رڳ ڦڙڪي، ڇڳ ڇڳ ڏَرڪي
مينهوڳيءَ ۾ مَنَ جون ماتيون
سهي نہ سگهنديءَ
ننڊڙي آهين.

گهاءَ گهاءَ ڪي ساهہ ۾ سانڍي
جهيرن جهڙيون جيءَ ۾ جهاتيون
سهي نہ سگهنديءَ
ننڊڙي آهين.

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهيرَ گهٽيءَ ۾، رات چٽيءَ ۾
ڏاڍ ڏمر جون قهري ڪاتيون
سهي نہ سگهنديءَ
ننڍڙي آهين.

پل پل جاڳي، وَلِ وَلِ ساڳي
صبح سويلي اکڙيون آتيون
سهي نہ سگهنديءَ
ننڍڙي آهين.

نينگر ڏاڍي ننڍڙي آهين
برهہ جون باتيون سهي نہ سگهنديءَ
ننڍڙي آهين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڪ جي خاڪ

ڪاڪ جي شايد خاڪ اُڏي آ،
رات رُني ويراني ۾!
پياسا راڻا، سُرڪيءَ ڪارڻ
صدين جا ايوان اورانگهي،
پنهنجي ماضيءَ جو ڪو مٽم
جهيڙو تَصَوُرُ دل ۾ سانڍي،
آيا ساڻا ويڳاڻا
مومل جي ميخاني ۾:
ڪاڪ جي شايد خاڪ اڏي آ!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جو آهيان

تون ڪالهه آئي هئينءَ ڪمري ۾
روزمره جيئن ٿفن ڪٽي
مک تي ڪوڙي مرڪ ملي
ڀٽ هٿ ۾ تازا گل جهلي،

منهنجي سيرانديءَ کان ويهي
لڙڪ لڪائي
درد ڇپائي
پوءِ وڏي پاڻهه مان منهنجو هٿُ ڊٻائي
تو چيو هو:
”سڀ ٺيڪ آهي
سڀ ٺيڪ ٿي ويندو
مان جو آهيان!

”ٻار سيئي اسڪول ويا
ڀٽ گهر جي در تي تالو آهي،
جوڙو ڪپڙن جو ڌوتو اٿم
آندو ٿي پر آلو آهي،
بل سمورا پياريا آهن
فون تي ساٿين سيني ڪي

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا نياپا ڏيارياآهن
جلد ئي تنهنجو "بيل" ٿي ويندو
جادوءَ جهڙو ڪيل ٿي ويندو
موتي ايندين گهر پنهنجي ۾
بس تون ٿورا ڏينهن صبر ڪر
نيڪ ٿي ويندو
آخر سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو.

"ها ڀلا، چئه تون ڪيئن آهين؟
ڊاڪٽر آيو هو
ڇا پئي چيائين؟
سور ٿيئي ٿو؟
گوريءَ سان ڪجهه دور ٿيئي ٿو؟
ليٽيو رهه، سڀ نيڪ ٿي ويندو
انجائنا ۾ ائين آ ٿيندو.

"اڄ جي ڪا اخبار پڙهي ٿئي؟
توکي ساٿين ساريو آهي
وڏو ڪو ٻارڻ ٻاريو آهي
ڪوڙ ته آخر ڪوڙ ئي ٿيندو
نيٺ ته سڪ جو سورج ايندو..."

ڇ پوءِ پنهنجو منهن ڦيرائي
تو پلئه سان لڙڪ اگهيا ها
ليڪن هڪڙو قطرو پوءِ يي
منهنجي پيشانيءَ تي ڪريو هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو سور اٿيو هو دل ۾
جو ڪنهن گوريءَ سان نہ لٿو هو.
ڀ مون پنهنجو درد ڇپائي
لڙڪ لڪائي
مک تي ڪوڙي مرڪ سجائي
ڀ وڏي پاڻهہ مان تنهنجو
هٿ ڏپائي
اکڙين ئي اکڙين ۾ چيو هو:
”سڀ ٺيڪ آهي
سڀ ٺيڪ ٿي ويندو
مان جو آهيان!“

(گرفتاريءَ دوران اسپتال ۾ لکيل)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

بهارن
ڪي
ڄئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جي روح کي ڪوئي رولي ويو
گهاءَ گهرا هئا، زخم کولي ويو.

ڪاتُ ڪيڏو تکو ڪنڌ ڪاڏي ويو
نانءُ تنهنجو ڳڏو هانءُ هولي ويو.

رات جي سانت ۾ ڇڻ تہ جگنو اُڏيا
ٻول اهڙا ٻہ ٿي ڪوئي ٻولي ويو.

هو تہ جوڳي هئو روڳ ڏيندو ويو
پَهَرُ پويون ڏسي، گيت گهولي ويو.

آسَ جي واسَ تي ٻونئر پرندا رهيا
ڳالهہ ڪهڙي هئي. ڳوٺ ڳولي ويو.

سوچ جي لوچ تي ڪي ئي پهرا پيا
جيءُ اهڙو جهريو جو جابولي ويو.

بهارن
کي
ڇئجو

(جابولڻ، وڦلڻ، پاڻ سان ڳالهائڻ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيرن جي گجگوڙ ڏسين ٿو؟
تتندا سي پنجوڙ ڏسين ٿو؟

ماڻهوءَ جو ڪو ماپو ناهي
ڪاميابي، تن جا ڪوڙ ڏسين ٿو؟

مئلن کي ڇا منزل ملندي
جيئرن جي جاکوڙ ڏسين ٿو؟

جيڪو اپرو سوئي اپريو
تاروءَ جا ڪي توڙ ڏسين ٿو؟

موت پڇاڻا مرڪي ٿو پيو
ماڻهوءَ منهن تي موڙ ڏسين ٿو؟

ڳرڻي آخر ڪِرڻي آهي
ڏُونڊي جي تون ڏوڙ ڏسين ٿو؟

مانجهي سانجهيءَ ورڻو آهي،
جهرڻن جي جهنجهوڙ ڏسين ٿو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي نينهن، تنهنجن نظارن نهوڙيو
ڪريان ڇا، جو مون کي پيارن نهوڙيو.

دکي دل تي ڍونڍي سهارا سهارا
اڙي هاءِ، مون کي سهارن نهوڙيو.

اچا پي نگاهن ۾ ساحل تو جهلڪي
ڪري دور ڪشتي، ڪنارن نهوڙيو

ڏئي جان، روشن ڏئي ڪي ڪيوسين
اجاري محبت، ستارن نهوڙيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خـدا ڄـاڻي تنهنجـي نگـاهن ۾ ڇـا هـو
اسـان کـي گهـورن سـان گهـائي ڇڏيائون.

بهـارن جـي بيبـاڪ مسـتيءَ جـان مـوهي
سـوين پـيچ الفـت جـا پـائي ڇـڏيائون.

شفق کـان سـندس لال چٽننگـون چـورائي
اڙي ڪنهنجـو جهوپـو جلائـي ڇـڏيائون.

پري ڪر، پري ڪر، پـري ڪـر هـي شـعلا
ڏسـين تـي تـه دل ئـي دکـائي ڇـڏيائون.

نماڻيون، نماڻيون هي نيـڻ جـون پيـاليون
مون کان مئي جي مستي پلائي ڇڏيائون.

اڄايل هرڻ جان مان جهاڳيـان تـو صـحرا
اڙي هـــاءِ رڄ ۾ رلائـــي ڇـــڏيائون.

خدا کي پسـان تـو مـان تنهنجـين اکـين ۾
مون کـي منهنجـي منـزل ملائـي ڇڏيائون.

بهارن
کي
ڇڏجو

ساگر سک جو ساهه نہ سنيري، واريا سي جي وير نہ بدلي،
اوچي اپ ۾ تنهنجي هوندي، تارن جي تقدير نہ بدلي.

گيت بہ بدليا، ميت بہ بدليا، سانوڻ جا سنگيت بہ بدليا،
سيڪي بدليو پر سنڌوءَ جي سون ـ سريڪي سير نہ بدلي.

پل پل پهرا ديوانن تي، وک وک تي سؤ ويل وهيا،
صديون گذريو سينڌ نہ سنوري، تڙپياسين تدبير نہ بدلي.

لڏندي ٻيڙي لڏندا پاچا، لهرن لُڙ ۾ گذريو چاچا،
واچوڙن ۾ واٽ ڏني سين، تصور جي تصوير نہ بدلي.

تنهنجو منهنجو ترهو ساڳو، ڦيڻ بہ ساڳي ڦرهو ساڳو،
تڙپي تڙپي پار پڳاسين هچياري هيءَ هير نہ بدلي.

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت جي راند ڪيسين رهندي
هيءَ ويڙهاند ڪيسين رهندي

ڪوٽ پڳا زنجير ڇڇي پيا،
مارئي ماند ڪيسين رهندي

آزاديءَ جي آس لٿي پر،
باندي باند ڪيسين رهندي

ورهيه ٿيا واريءَ تي رلندي،
هوت هيڪاند ڪيسين رهندي

سِسي سنڌڙيءَ جي آ ليکن،
نيزي پاند ڪيسين رهندي؟

بهارن
ڪي
ڇنڊجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانـــڊوڪي ڪـــي چـــاهي ڏس،
ســـر تـــان ســـانگو لاهـــي ڏس.

منهنجـــي جهـــولي ڏي نـــ نهـــار،
منهنجـــي دل ۾ چـــا هـــي ڏس.

ديـــول دل ڪـــان پـــاڪ نـــ چـــاڻ،
ڪـــنهن جـــي دل ڪـــي ٿـــاهي ڏس.

بـــادل برڪـــا بنـــد نـــ ڪـــر،
نيـــڻن ســـاڻ نبـــاهي ڏس.

مونســـان ايـــڏو پيـــار متـــا،
ڪيـــر ڪنهـــين جـــو نـــاهي ڏس.

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات اسان کان پيارا وڇڙيا، چاندوڪيءَ کان چارا وڇڙيا،
سانوڻ ڪهڙي ڪارڻ ايندو دل کان جو دل وارا وڇڙيا!

ڪنهن سونهن ڏني ڪنهن ساءُ ڏنو ڪنهن دردن جو درياءُ ڏنو،
ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آيا، ڪهڙا جيءَ جيارا وڇڙيا.

خوابن جي ايوانن ۾، مان تنها تنها ڇو آهيان،
جن جوت ڏني، سي موت نِيا، هئه تاريڪيءَ تارا وڇڙيا!

تون گيت هئين، سنگيت هئين يا منهنجي من جو ميت هئين،
اج گيتن کان گونجار وئي، اج درياهن کان ڌارا وڇڙيا!

ڪي ڏينهن هُيا جو مينهن پيا، جن پيار ڪيو سي ڌار ٿيا،
تون ڇا وڇڙين، دنيا وڇڙي، مون کان ساٿي سارا وڇڙيا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪو اونداهين ۾ گهاري ٿو ڪو اجيالن کي ساري ٿو
هيءَ ڌرتي تنهنجي داسي آ، جو پنهنجو ٿو ٻاري ٿو.

ڪو محبت ساڻ مڃائي ٿو۔ ڪو محنت ساڻ مچائي ٿو
سو سورهيہ منهنجو ساٿي آ، جو پنتي ڪين نهاري ٿو.

ڪو ٻيجل بڻجي ٻولي ٿو ۽ سک جا سپنا ڳولي ٿو
سچ جي ڪارڻ چارڻ بڻجي، سوريءَ کي سينگاري ٿو.

هو تارن کي ترسائي ٿو ڪتين جا ڳَرَ موڙي ٿو
هو ڏاڍين کي ڏهڪائي ٿو ۽ گهوٽن ساڻ گذاري ٿو.

هو تاڙو بڻجي ترسي ٿو ۽ بادل بڻجي برسي ٿو
هو سانوڻ جو سنديسو آ، هو سک جي سينڌ سنواري ٿو.

هو ڏک جا ڏونگر ڏوري ٿو هيٺن کي پار اڪاري ٿو
هو واچوڙن جو ويري آ، هو طوفانن کي تاري ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا رات هئي جو بات رهي،
ڪو ڏينهن هئو جو ڏات رهي.

هو سيڻ ويا هي نيڻ وهيا
بر ۾ ڄڻ برسات رهي.

تو تير هنيا زنجير هنيا،
پوءِ يي ڪنهن جي مات رهي؟

هت ساز گهُٽيا آواز لُٽيا،
پر للڪاريندي لات رهي.

وڃ مچلي ءِ هير گهُلي،
ڪنهن پيارل جي تات رهي.

هيج منجهان ڄڻ ڇيج پيا،
هئ سانوڻ جي سوغات رهي.



بهارن
ڪي
ڇنڊجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو موتي بہ آيو تہ چا ٿي پيو؟
جو ويو سو ويو، جو ويو سو ويو.

اڙي موت کھڙيون ميارون ڏيان،
هاڻي بس سمهان ٿو وسائي ڈيو.

پري پنڌ، پازيب چمڪي تہ ٿو
اهي ساز سارا هٿائي ڇڏيو.

ويو هوت هيڪر لڏي مان لڏي،
وري ڪو نہ ايندو ڪو جهڙس پيو.

نہ راتيون، نہ باتيون، نہ تاتيون اهي،
بنا تنهنجي گهر ۾ انڌيرو رهيو.

*

مون کان چا ملندئي او مڱڻا
منهنجو جهول تہ خالي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهُـــتَ، ٻُوســـتَ، اُسَ، نـــتهڻ، ڏرتتـــيءَ جـــو تـــاءُ آ،
سـج سـوا نيـزي تـي آيـو ٽچڪـي پيـو هـر گهـاءُ آ.

ڪـکَ، ڪانـا، گاهـُ، تـيلا، اوچنگـارن جيـئن اُڏيـا،
تـنهن وڇـوڙي جـي گهـڙيءَ، جـا روح جـو ايـذاءُ آ.

ڪوبـ پاڇو ڪوبـ سايو ڪوڇپر، ڪا ڇانوَ ناهـ،
ڪيتـرو وياڪـل، اڪيلـو تنهنجـو پٽـڙو مـاءُ آ.

تنهنجـا ديوانـا سـنجهي ئـي دار ڏي راهـي ٿيـا،
درد وارن ڪيتـرو سسـتو ڪٽيـو هـيءُ داءُ آ.

ڪونـ روڪـي، ڪونـ ٽوڪـي، پـل تـ بـادل پيـو رڙي،
ڪوتـ سڏڪـي، ڪوتـ روئـي، ڪوتـ منهنجـو پـاءُ آ.

اڄ اجهايـل ديـپ آهـن، مـوت جهـڙي مـاٽ آ،
اڄ اسـان جـي سـوچ تـي ڪـنهن سـانت جـو سـوداءُ آ.

زنـدگيءَ جـا قـافلا، صـحرا ۾ رلنـدا ئـي رهيـا،
ڪـنهن پڇيـو: هـيءَ جيـت آ، يـا هـار سـان سـرچاءُ آ.

❊

منهنجـو ڇـاهي؟ مـان تـ پـاڇو آهيـان گـم ٿـي وينـدس،
تـون ئـي تـ آهـين جـنهن جـي خـاطر گـل ٽـڙن ٿـا.

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان لئہ اوهان کان پڇي ڪو تہ ڇئجو:
ڪو ديوانو هو رات گهاري هليو ويو.

سدا ساهہ ۾ جنهن کي سانڍي رکيوسين،
اهوئي تہ هو جيڪو ماري هليو ويو.

هو اهڙو ڀينل جهڙو سانوڻ جو بادل،
هو آيو وسيو ۽ رئاري هليو ويو.

اڄا ڇو ٿو واٽن تي راهون نهارين؟
هو آيو تہ هو پر نهاري هليو ويو.

اسان کي جيئڻ جا سؤ الزام ڏيئي،
ڪيل قول وعدا وساري هليو ويو.

سين کي سدا جنهن سهارو ٿي آڇيو،
اهو خود ڪنهين جي سهاري هليو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هــــر رات اداســـــي آ، هـــــر صـــــبح ســـــتم آهـــــي،
ڪجهه پنهنجي نصيبن جو ڪجهه تنهنجو ڪرم آهي.

چـــــا لاءِ بهـــــارن ۾ اڄ بـــــوءِ ينـــــل نـــــاهي؟
هـــــر مڪـــــڙي آ ڪومـــــائي، هـــــر گـــــل ۾ زخـــــم آهـــــي.

خـــــاموش فضـــــائن ۾ آواز هـــــي ڪهـــــڙو آ؟
آڪـــــاس تـــــو جهونگـــــاري يـــــا منهنجـــــو صـــــنم آهـــــي.

هـــــر وار اڄايـــــل ڪـــــي ڪجهـــــ زيـــــاده اڄـــــائين تـــــو
يـــــا روح ئـــــي پياســـــو آ، يـــــا پيـــــالي ۾ خـــــم آهـــــي.

تـــــو دل ۾ جڳهـــــ ڏيئـــــي، پـــــل ۾ ئـــــي پلايـــــو تـــــو
هـــــن دل ۾ ليئـــــو پـــــائي ڏس تنهنجـــــو ئـــــي غـــــم آهـــــي.

ڪئـــــي پيـــــرا خيـــــال آيـــــم، مـــــان تـــــوکي وســـــاريندس،
ڪـــــا ريـــــت تـــــ ڪـــــانهي پـــــر، هـــــي دل جـــــو مـــــرم آهـــــي.

بهارن
ڪي
ڇئجه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ جي ڳيري کي، ڪنهن ڪيريو آهي تيرن سان،
تنهن سُهميو آ سرويچن کي ۽ ويرِ وڏو آ وِيرن سان.

هو پيلا گل سرهاڻ ڪري، ٿا واسُ وِرهائن واتن تي،
سا خوشبو ڪيئن تون قيد ڪندين، اي زور آور زنجيرن سان.

مون سانجهه سويري سوچيو آ، هن ڌرتيءَ جي دلالن تي،
جن ننگ وڪايا ناٽي تي ۽ هوت مٽايا هيرن سان.

جي ڪيت ڪيت ڪليانٽن کي، ٿا آڳ ڏين انسانن کي
سي ڀالا بڙڇيون تاٽن تا ۽ جهوپاڙن تا جهيرن سان.

جي ڌاريا ڏوڪي آيا ها، سي پريت ڏِني پنهنجا نه ٿيا،
هو ٻلهاڙي ۾ ٻيلهه ٿيا، بدبخت وڏيرن پيرن سان.

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دوها

بھارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پــري پــري کــان واجهــائي تــو اڄ ڇــا لاءِ پتنــگ
اڄ ڇــو ويڙــا ويٺــي روئــي، ڇــپ ڇــو آهــي چنــگ؟

اڄ ڇــو منهنجــي مــن ۾ ڪــوئي، مرڪيــو ناهــ ڪنــول
بــات بــات تــي ڀرجــي آيــون، اکڙيــون هــاءِ، اجهــل!

گنگــا جمنــا کــان ڀــي پــوتر، هــيءَ نيــڻن جــو نيــر
تيــر ڇپــوئي، ويــر بنــايو ســنگم آهــ ســريرا!

پياســا پياکــا، هاريــا ڳــولي، مــڌ جهــڙي کــا منــڌ
هرڻــيءَ جهــڙي هــوڏ جنهــين جــي، ســاهن منجهــ سڳنڌ!

مــڌ جهــڙي کــا منــڌ پــلا ڇــو ڳــولي منهنجــو جــيءُ
اکــڙين ســان اکــڙين ۾ اوتــي، ڇــوي "ڇريــا هــي پــيءُ"

مــڌ جهــڙي کــا منــڌ الا، ڇــو منهنجــو ڳــاراڻو تــو ڳــولي
سهسين سانوڻ آيا ليکن، ڪوئي ڪيپ اسان جا ڪولي!

مــڌ جهــڙي کــا منــڌ، پــلا ڇــو ڳــولي ڳــاراڻو
جــنهن ريءَ موڳــو ميخــانو آ، ســاقي آ ســاڻو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ کي سوريءَ چاڙهن ويٺا، پوريءَ جا اڄ پاءُ،
سر سر سرڙا سانگي ڏيندا، ماندي تيءُ نه ماءُ.

ڏهه ڏهه ڍهندا ڪوٽ پراڻا، ڇڄندا هي زنجير،
ڄاڻ اسان جي ٻاڻ ۾ آهي، بدلينڊو تقدير.

باهه جڏهن پنيور ۾ پڙڪي، تن تن تڙپي اٿندو،
ساهه ساهه ۾ چاهُ سنڌوءَ جو لنئو لنئو ۾ پيو لڇندو.

ڪيسين ڪوٽ اڏيندو رهندو ڌرتيءَ جو دشمن،
انگ انگ ۾ آڳ لڳي آ، تڙپي ٿو تن من.

سنڌو تنهنجي لهر لهر ۾ منهنجا گيت سمايا،
تنهنجي ڇولين ۾ جا ڇلڪي، سا ئي منهنجي ڇايا.

جُڳ جُڳ ۾ آ جلندو آيو هن ڌرتيءَ جو ڌيان،
ڪيسين سهندو ڪيسين رهندو ڄاڻ اٿيو انسان.

پٽيءَ پٽيءَ کي پوڄيو آهي، سنڌڙي منهنجي ساهه،
تنهنجي مٽيءَ ۾ ئي مُرڪن، ڪيئي سامي، شاهه.

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرهہ پرهہ ڪان پنڌ پچائي، آيس تنهنجي دوار
منڙا ماڻهو مرڪي ويهي گهڙي اسان سان گهار.

منهنجي ويڻا ڪان بہ ٻيڻا، تنهنجا سر صنم،
ايندي ايندي رڪجي ويندا قاتل جا بہ قدم.

ڪو پل آشا آتي آهي، ساعت آهي سنگ
ڄاڻ تہ آيا ڪارا سايا، اڏري ويندو رنگ

وکري ويندا گيت خوشيءَ جا، وڇڙي ويندا يار
پل پل تنهنجو پيار ڏنگيندو، ساعت ساعت سار.

ترڪي ايندو ترتي آنسو رئندين زارو زار
منهنجون يادون بنجي ايندءِ، دل تي غم جو بار.

توسان نينهن لڳائي پاتم پل پل جا پچتاءَ
تنهنجون يادون سيني ۾ ڄڻ گهڙيءَ گهڙيءَ جا گهاءَ.

تنهنجي اکڙين مان اوتيو جانب پيتم جام،
وار ڇڏيا تو ڇوڙي منڙا، شرمائي آ شام.

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو تنهنجي لهر لهر ۾ منهنجا گيت سمايا،
تنهنجي ڇولين ۾ جا ڇلڪي سا ئي منهنجي ڇايا.

ڪنهن سان نينهن نيائين ويٺو بادل منهنجا ياءُ،
منهنجي سيني ۾ به تو جيئن ساجن جا سؤ گهاءَ.

پرين بنا هي پياسو من، پل يي چين نه پائي،
رات جي راهين کي ڇا ڪوئي من جو ميت بنائي.

سنڌڙيءَ خاطر ڪو سودائي، آيو پيهر باڻ ڪٽي،
ڪلهه جا سپنا اڄ جون يادون سورهيه آيو ساڻ ڪٽي.

آڏي ٿي آواز نه آيو چارڻ چنگ اڪيلو آ،
ڏڙڪ نه ڏرتيءَ جي دل هاڻي، اڇڻو ڄاڻ سويلو آ.

دل جا داغ پيلا ڇا ڏئندين، يادن کي ڇا ميٽيندين
ساهه ساهه ۾ چاهه ئي چيندءِ چاهت کي ڇا چيٽيندين؟

پتنگ بڻجي مان پڇران لا، تون يي نير وهاءِ
ويل وري نا اچڻي آهي پل پل کي پرياءِ.



بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيجل پيجل آيو آهي چنگ چڙا اج ساڻ ڪٽي
سچ جي ڪارڻ موڪل ڏي تون، سرڙو ڏيان مان راءِ بٽي.

باندي بڻجي بڻجي ويندا تنُ تنُ ٿيندو تير
تنهنجو جو سينو چيري رکندا پئسو جنهن جو پير.

منهنجي دامن ۾ تو جهاتين، گهائن کي ڇا گهورينديين،
پاڇولن جا پور پراٽا، پريتم ڪهڙا پورينديين؟

ريت تہ ريتيءَ جي پت آهي- جاڻ پُري، ها جاڻ پُري
پريت تہ آهي وڄ وراڪو پل ڪن ۾ اپ تي اپري-!

ڪاڏي مومل ڪاڏي راڻو ڪاڏي وئي سا ڪاڪ،
پيار پڇاڻان ديپ اجهاٽا، اڏري پيئي خاڪ.

پيار بنا من- ويڻا جا مان ڪيئن جيان هئہ ڪيئن جيان
پيار بنا وهہ جيون، امرت ڪيئن پيان چئہ ڪيئن پيان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



بيت

بهارن
ڪي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلـــي اٿـــي جـــوت، نمـــي آيـــو نـــور
جهڪـي ٿـي آ جهـور، اونـداهي انيـاءَ جـي.

موتيـو آهـي مـورڙو هوشـوءَ ڪئـي هڪـل
سـنڌڙي تنهنجـا سـورما، آيـا ڄـاڻ اَجهـل
مٿـيءَ منجهـ محـل، ڪيرائينـدا ڪـوڙ جـا.

انـــڌا اونـــڌا ويـــج، لولـــو لنگـــڙو لـــوڪ،
ڪـاتي جنـين ڪـاڄ، سـوري جنـين سـيج،
اتـي ڪهـڙا ڇـيج، جتـي روح نـ رهـي راتـڙي.

انـــڌا اونـــڌا ويـــج، گونگـــا ٻـــوڙا گيـــت،
سـٽندا ڪيـئن سـنگيت، مـاري جنـين مـن ۾.

زنـــگ لڳـــا زنجيـــر، ڪـــٽ هٽـــان ڪٽـــان،
ملهـــائي مهميـــر، ڇنـــي اينـــدا ڇـــال ســـان.

هـــڻ ڪـــڻ جهـــڙو هـــٽ، واڳـــونءَ جهـــڙو وات،
ڪاسـائيءَ جـو ڪـات، مـاڻهو تنهنجـي مـن ۾.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتـــي ســـاري دانهـــن، اُڀُ ســـجو ئـــي آڳ،
مـانجهي تنهنجـا مـاڳ، ڪهڙي ڪُـن نهوڙيـا؟

ترســـن پيـــا تـــارڙا، لُڇـــي پئـــي لاٽ،
رکـــي رکـــي رڄ ۾ گهـــورن وينـــا گهـــاٽ،
وينـدڙ تنهنجـي واٽ، واجهائينـدي ورهيـه ٿيـا.

مـان راهـي ۽ تـون راهـ، مـون کـي تنهنجـي تـات،
مان چارڻ ۽ تون چاهـ، ڳايان تنهنجون ڳالهڙيون.

ڪُنـڊَ ڪُنـڊَ قهـرام، گوشـو گوشـو گـونج
ڪهڙي گهـرَ جـي ڪـونج، مـارِي مـاري هليـا؟

منهنجي ڏاهـ مَ ڏنگ، تون نـه ڪـي جهوپـو جهور،
نـه ڪـي کـوٽ کريـب سـان، ويهـي سـوري سـور،
پهـرين پنهنجـي تـور- پـوءِ ڏارج ڏيهـه کـي-!

منهنجـــي در تـــان دانُ، مڱـــڻ آئـــين مڱڻـــا،
ســـوري ســـيهي پيـــر ۾، تـــوکي ڏنـــم مـــانُ،
پوءِ هي ڪهڙو ڪـانُ، ڪڙڪائيـه ڪـروڌ مـان؟

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي در تان دانُ، پنڻ آئين پاند ۾،
انهيءَ جو احسانُ، ڇرو هنيئه ڇيڪرا!

ٻولي يا گولي، ڳالهه ٻنهي مان هڪڙي،
هزارين هولي، ڪيڏي ويا خون سان!

بي پاڙيءَ جو بار سهي ڪيئن سُنهاندڙو،
ڏائڻ اڳيان ڏار سڙي ويندو سوڪ تي.

بي پاڙي آ باغ ۾ بچو بچو ياءُ،
ساوڪ جو سماءُ، متان سونهن سڙي وڃي.

رڻ مان ڪهڙو روڄ، اڏاڻو آڪاس؟
رُتِ نه آئي راس، موتئي جي مهڪار جي.

ڪنگلا تنهنجو ڪال، گهڙي وينو گهاٽ،
ڏسيندءِ سا وات، جنهن ۾ جوڪو جيءَ جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪڙ منهنجي ملڪ کي، چڪي ڪيئه چَٽُ،
ڦورو اهو ڦٽُ، اونهون آهي اندر ۾.

مڪڙ منهنجي ملڪ کي ڪائي ڪيئه ڪوڪو
دشمن اهو دوکو ڳرو پوندءِ ڳاٽ ۾.

چاندوڪيءَ ۾ چور گهڙي آيا گهر ۾
ڀاڳين ڀلجي تن جي، خوب لڏي پر گهور
ڏسي ننڊ اگهور گهر ـ ڏٺي بڻجي ويا.

اٿو ڙي! اٺجاڻ، ڀنيٽ ڏسو باهه جا،
ٻيائيءَ جي ٻاڻ، جهوپو جلائي ڇڏيو.

اٿو ڙي اٺجاڻ، لاٽون لهوءَ جون ڏسو
پاپين هٿان پاڻ، گهائل آهيون گهونڙا.

اٿو ڙي اٺجاڻ لاهيو سانگو ساهه جو
مٿي جا هي ماڻ، صدقي ٿيا سوڀ تان.



بهارن
ي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿــو ڙي اڻجــاڻ، ٻــڏو ٻــٽ ٻٽــي ڪــري
آزاديءَ اهڃــاڻ، اجــرڪ تــي اجــرا ٿيــا.

ڪــانئر جــو ڪفــن تيلــيءَ مٿــان تيــل
ڪوٽــا نــاهي ڪيــل، سِــيرَ وهــائڻ ســچ جــي.

ٻيــرُ مٿــان ٻيــر، ٻــورا ڏســي ٻــائين
واســينگن ســان ويــر، مهــانگو ٿــي ملهــه ۾.

واســينگن ســان ويــر، ســولو نــاهي ســڏڙيا
پچــي پــائج پيــر، جــڏا انهــيءَ جــوءِ ۾.

پچــي پــائج پيــرُ، پــوءِ متــان روئــين رَٽُ،
دودو جــو دليــرُ، ڪيڏنــدءِ ڪــان ڪپــار مــان.

مــون ڪــان پــوءِ ڪــو مينــڏرو ٻيهــر ٻــي اينــدو
ســڏڪي ســليندو، ڳجهــه انهــيءَ ڳالهــه جــا!

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کان پوءِ ڪو مينڌرو ٻيهر سهندو ٻاڻ
سورهيه جي سڄاڻ، موتي پوندا مامري.

مون کان پوءِ ڪو مينڌرو چانگي تي ايندو
سورهيه ساريءَ سنڌ جا، نيهي سڀ نيندو
آخر اڏيندو ٻيهر نئين سنڌ کي.

ٻُڪَ پئي ٻاهي، ٻيهي وِچ بزار ۾،
سورن وارا سيڪڙون، سينو ڪير ساهي،
اهڙو ڪو آهي، جو لاهي ڏک ڏيهه تان؟

اهڙو ڪو آهي، جو ماڳ پڄائي مارئي،
ڏاڍايين ۽ ڏاڍ جا، ڪوٽ قلعا ڊاهي،
اولاوا لاهي، ڏکين ڏوٽيئڙن جا.

لڳن لوهه لهي، هٿن لهن هٿڪڙيون،
ماڻهوئڙن جي ماس تي ٿاهه نه ڪونهي،
ريڌو روح رهي، شل ڪانڌ نه رهن ڪوٽ ۾.

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانڌ نہ رهن ڪوٽ ۾، جانب جيئندا هونِ،
نہ ڪي راتيون رونِ — نہ ڪي ڏکيا ڏينهڙا.

ڪانڌ نہ رهن ڪوٽ ۾، گيت نہ ٿين گهائل،
انهن ڪان آيل، بر ۾ ٻاريم ٻاهڙي.

برِ ۾ ٻاري ٻاهڙي، وينئي ورهيہ ٿيا،
سورهيہ منهنجي سنڌ جا، ڪهڙي پار ويا،
مرڪي ماڳ پيا، سوڍن جي سنيهہ سان.

منهنجو ماڳ نہ پُڄ، منزل گهڻو دور،
پريت نہ آهي پور، وطن تان واري ڇڏيان.

سڏي ٿو ساڻيهہ ٻيجل ٻيهر آءُ،
سموهي سرور کي وري ورائج واءُ،
اچ تہ هيءُ انياءُ، پاڙان ئي پٽي ڪيون.

سورهيہ ساٿي سي، جي مرن مارائين،
وطن ورائين، سرن جا سودا ڪري.

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو جهليو مانءُ، پيار نہ ڪجانءِ پڳلي،
ڳوڙهي جيان ڳل تان، ترڪي ويندوسانءِ،
سور نہ پوءِ سلجانءِ، پاڇولي جي پريت سان.

تنهنجي چپڙن کي ڇهي، جيڪا برسي بوند،
هچاري سان هوند، ورهہ ٿي مون تي وري.

ايڏيون اونهيون اکڙيون، تن ۾ سوَ سرابَ،
اهڙا ڪهڙا خوابَ، سانديا اٿئي ساهہ ۾.

هينئڙي لاتي هوڏ، پيار پروڪو پيار،
پائي ڏي ڇِڪار ڪڙوءِ قاتل سهي.

لڙي سورج لام، ڏيئڙا ٽمڪيا ڏات جا،
منهنجي ساري شاعري، تنهنجا جاڙا جام،
پيئڻ جا پيغام، مليا تنهنجي مرڪ ۾.

تارا تنهنجي نانءِ، ڪتيون ڪچيم ڪين ڪي،
جهرٽن جهڙي جهانءِ، گهوري تنهنجي گهور تان.



بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ جا سنهڙي چوڪري، چنچل جنهن جي چال،
هاٿي هن ئي سال، ڪاري ڪندس ڪوٽ ۾.

تون ڳيرو تون ڳاڙهو، تون ڳوڙهو ڪيئن سهين،
ڇا لاءِ ٿو ڇهين، اڻڄاتي اٿاهه کي.

سمنڊن ڪهڙي سوچ، سوچ ڪوءَ جي ساهه ۾،
لهرن سندي لوچ، لڄي پئي لاٿ جيان.

ڪالاباغ اپار ڪاهي آيا سنڌ تي،
ڌارين سان ڏُر ٿيا، پنهنجن جا پرڪار،
بندوقن جا بار سهي سگهندين سانورا؟

سِڪڻا، سڪڻا، سير ڪڻا، ٿڪي ٿيهه وِڪا،
لوپي ٿوڳي ٿاهه سان، ٿوڳي ٿيا ٿڪا،
ڌرم جا ڏڪا، نيا ڳن نصيب ٿيا.

پاٽيءَ ڦڙو ناهه ڪو سنڌو ويو سُڪي،
دانگيءَ ڍوڍو نا وريو نا چاڏيءَ منجهه چُڪي،
ڍاڙي سيپ ڍڪي، ويٺا ويريءَ هنج ۾.

بهارن
کي
ڇنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏو پيو ڪال، ملهه مهانگو مورڙو،
دوزخي دجال، چنايو پيو چال ڏي.

تون ڇا ڇاڻين ڇامڙا، سوريءَ سندا ساٿ،
ڪنبي ويندا ڪاٿ، هيمونءَ جي هڪل سان.



توجو پَسيو تاءُ، منهنجي اڄ ترار جو
صدين تائين سوجهرو ڪندو رهندئي پاءُ،
اهڙو ڪهڙو گهاءُ، جو رَسيو ناهي رُڪ سين؟

منهنجي هن تراڙ ڪيئي ڪانئر ڪيريا،
روڄاڙو ۽ راڙ نيا ڳن نصيب تي!

ڏُوڏُو ڪريان ڏِگ، ڏڏڪا ڪري ڏوڙهر،
لِچڪيا سي ئي لِڳ جي ڏاڍا هئا ڏيهه ڪان.

گيدي گدلا، گودڙيا، ڪهڙو ڪيئي ڪلورُ
ماري هلئين مورَ تون، مرم نه پيئي مورُ
ساروٽيون ۽ سُور، سدا رهندو سنڌ ڪي.

بهارن
ڪي
چئجه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـــارا ميڙيـــا مـــون، جـــاڳي ســـاري رات،
ســڳنڌ جـــي ســـوغات، جهلـــي آيـــس جهـــول ۾.

ڪوئل تنهنجي ڪوڪ تي، ڪنهن جو ڪهڙو وَسُ؟
راڳـــي توڪـــان رَسُ، پنـــي آيـــو پانـــد ۾.

ڪوئل تنهنجي ڪوڪ تي، ڪِريا ڪيئي ڪنڌ،
اهـــڙا ڪيئـــي انـــڌ، چڙهيـــا مـــاٺهوءَ چـــت تـــي.

ســـانوڻ جـــي ڦوهـــار چـــولي چهنـــي انـــگ ڪـــي،
پيـــنگهن تـــي پازيـــب جـــا، تڙپـــي اٿيـــا تـــارَ
مڪـــڙين ڪـــي ملهـــار چمـــي ويـــا چاهـــ مـــان.

آءُ ســـياڳي شـــام جيڪـــا گـــذري "ســـنڌُ" تـــي،
ســـورج جـــي ڪـــا لام جهـــولي پئـــي جـــيءُ ۾!

آ ســـياڳي شـــامَ پيـــل هيئـــان پريـــت جـــي،
جـــاڳي اٿيـــا جـــامَ اڪـــڙين ســـنديءَ اوٺ مـــان!

"سنڌُ" مٿي ڪي سندريون، ڇَهہ ڇَهہ چاڳا ڪن،
هٿـــين پيـــرين ميـــندڙي، لائـــي پيـــون لچڪـــن،
ڳاڙهـــا ڳـــل ســـندن، چهـــرا چاٽـــان چنـــڊ جـــا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتيو موتيو مُرڪَ، چوتو چنبيليءَ سان،
سوپيا جي ڪا سُرڪَ، اکڙين مان اوتي پيان!

باغن ۾ پنپوريون، نچن ٽپن نازمان،
اهڙيون ڪي ٿوريون، چهڪ نه جن کي چاهه جا!

لکي- دَرَ تي لوڏَ، گيتن جو گهراءُ،
اچا اُجنرا سپرين، ڦيڙ پريو ڦهلاءُ،
گهوٽ اهوئي گهاءُ، روڳي روح ڪري ويو!

لکي- در تي لوڏ، گورين جي گونجارَ
ڪنديءَ ڪارائي ۾، ونگيل واسيل وارَ
ساڙهيءَ مٿان سِجَ جي، ترڪي پوئين تارَ
سرتيون ساري سارَ نڪري پيون نازمان!

سهڻا ماڻهو سنڌ جا، پاسي تي پهراڻَ،
ڳالهيون ڳهيرن جون، موتين جا جڙ ماڻَ،
سانجهيءَ ويل سجاڻ، مڙي آيا مچَ تي!



بهارن
ڪي
چنبو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهونجهڪڙي جي جهانءِ سُريلا سنگيتَ،
چؤچاڪيءَ گاڏيءَ ۾، گهُلن پيا گيتَ،
موتئي جهڙا ميتَ، گهورن سان گهائي ويا!

ڪبوتر ڪوئي، نياپو آڻج نينهن جو،
بيٺي آهيان بانوري، ڪُڏَ مٿان ڪوئي،
رُنل کي روئي، مڃايان ڪيئن ماڻ ۾!

پرين پنڌ پيا، جهڙا هنج تري هليا،
مگري جهڙا ماڻهو، ڏئي ڏک ويا،
ڏکي داغ پيا، جڏهن ڏٺائون ڏاڍ مان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وايون

بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَـــڏ جهـــڙي ڪـــا مُنـــڏ
سان جو جيئڙو جهوري وئي ڙي يارا!
چـيلن جهـڙا ڄـال جنهـين جـا
واســـــينگن جهـــــڙا وارَ
جيئـــڙو جهـــوري وئـــي ڙي يـــارا!
موتئي جهڙي مرڪ جنهين جي
مڪـــــڙو ميگهـــــ مـــــلارَ
جيئـــڙو جهـــوري وئـــي ڙي يـــارا!
اڪـڙين ۾ چـولين جـو چلڪـو
ســـــانوڻ جهـــــڙا پـــــارَ
جيئـــڙو جهـــوري وئـــي ڙي يـــارَا!
نيـــٽن ۾ سـيٽن جـا سـپنا
خـــوابن منجهـــ خمـــارَ
جيئـــڙو جهـــوري وئـــي ڙي يـــارَا!
دور گهٽـو ئـي گهـاري لـيڪن
دل ڪـــــان ڪهـــــڙو ڏار
جيئـــڙو جهـــوري وئـــي ڙي يـــارا!

بهارن
ڪي
ڄئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پــــل پـــــر جـــــي پهچـــــاڻ،
جيـــون گـــذريو جهونگارينـــدي،
پريـــت نيـــايون پـــاچولن ســـان،
هـــــاءِ اســـــان اڻجـــــاڻ،
جيـــون گـــذريو جهونگارينـــدي،
ڦتڪـــي ڦتڪـــي نيـــٺ اجهاڻـــا،
پيچـــــري منجهـــــ پـــــراڻ،
جيـــون گـــذريو جهونگارينـــدي،
لهـــر لهـــر ۾ لـــڙڪ اســـان جـــا،
مـــــن پانيـــــان "مهـــــراڻ"،
جيـــون گـــذريو جهونگارينـــدي،
وقـــت اســـان جـــو ويـــري نـــاهي،
جيســـــين ســـــاجن ســـــاڻ،
جيـــون گـــذريو جهونگارينـــدي،
دور نـــ وچ تـــون ديـــوانن کـــان،
پـــــرين پـــــري ڏي پـــــاڻ،
جيـــون گـــذريو جهونگارينـــدي،
لاٺ کـــان واٽ پـــلا ڇـــا ڇپنـــدي،
ڇمنـــــدي آخـــــر ڇـــــاڻ!
جيـــون گـــذريو جهونگارينـــدي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت رُڃَ رڙي، جت ساهُ سڙي، ۽ آهه نه ڪو انسان ڪري
ان ڏرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي، ان ڏرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟

جت پريت نه ڪو پرياءُ هجي، ۽ گهاءَ مٿان سؤ گهاءَ هجي،
جت راڳ نه ڪوئي رنگ هجي، جت چنگُ رڳو پيو ڏنگُ سهي،
ان ڏرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟
جت واڳونءَ جهڙا وات سوين، ۽ ڏاڙهٽ بڻجي ڏات لنوي،
جت سانوڻ آئي ساتُ نه تئي، ۽ ڏانوڻ ڏک جو ڪين لهي،
ان ڏرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟
هي ڪارا ڪارا بادلَ ها، جي پريتم جهڙا پاڳلَ ها،
هو ترسيا ها ۽ برسيا ها، جيئن نينهن وچان ڪو نارُ وهي،
ان ڏرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟
مون اوچا اوچا ڪوٽ ڏٺا، مون گهائل گهائل گهوٽ ڏٺا،
ڇا ڇا نه ڏٺو مون دنيا ۾، ڪيئن لوڀي ٿوڳيءَ سان ٿو نهي،
ان ڏرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي؟

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جل تل جل ٿل ڏرتي آ،
اڄ پائل پيڳ سان پرتي آ،
گهنگهور گهٽائون گهاٽ مٿان!
ڪنهن آڪاس مان اوتيو آ،
وَسُ وڄڙي وسُ تون واٽ مٿان!
گهنگهور گهٽائون گهاٽ مٿان۔
جي تنهنجي جيءَ ۾ ديپُ جَليو
پوءِ لونءَ لونءَ لُڇندي لاٽ مٿان۔!
گهنگهور گهٽائون گهاٽ مٿان۔
اَڄُ درد مليا دل وارن ڪان،
ڇڻُ ڇوهو ڇُلڪيو ڇاٽَ مٿان!
گهنگهور گهٽائون گهاٽ مٿان۔
جي ڪوڙيون پوٽيون پاڙهن ٿا،
سي موڙها مرندا ماٽَ مٿان،
گنهگهور گهٽائون گهاٽ مٿان۔
وَسُ وڄڙي وس تون واٽ مٿان!

بهارن
ڪي
ڇنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانڊوڪيءَ جا چارا چائي، نيٺ تہ ڪوئي اينڊو!

پريت جي ريت نرالي آ پرَ، ريت ڪُريت نيائي
نيٺ تہ ڪوئي اينڊو.
منهنجي انڌياري هردي ۾ جيون- جوت جلائي،
نيٺ تہ ڪوئي اينڊو.
ڪنهن لئي ڪانگ لنوي ٿو جيڏيون، ڪا تہ ڪٽي سمجهائي،
نيٺ تہ ڪوئي اينڊو.
من جو پياسو پنچي ڳائي، جهومي، جهومر پائي،
نيٺ تہ ڪوئي اينڊو.
شام سويري جنهن کي ڳوليان، گهيڙ گهٽيون واجهائي،
نيٺ تہ ڪوئي اينڊو.
مينهوڳيءَ جي هِير ينئي، لا، هير ٿي آڳ لڳائي،
نيٺ تہ ڪوئي اينڊو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ ڏٺي يرڪا نہ لٿي
ازلي منهنجي اڄ الا!
هيئنڙو گهايل هرٽيءَ جيئن
روح مڙيو ئي رڄ الا
ازلي منهنجي اڄ الا!
تون جو هيڪر هام هڻين
پاپ بہ ٿيندو پڄ الا
ازلي منهنجي اُڄ الا!
تون بن منڙا موتيئڙا
سانوڻ پانيان سڄ الا
ازلي، منهنجي اڄ الا!

بهارن
ڪي
ڇنجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چـــــــارڻ، اوا چـــــــارڻ
تنهنجي چنگ هيلوڪي سانوڻ
منهنجـــو روح رمـــايو آ....

سَرسَـر، سَـر سَـر، سُـرَ جـو جـادو
ســـيني منجهـــ ســـمايو آ!
منهنجـــو روح رمـــايو آ...
پهـ پهـ، پهـ پهـ، پـاڻ اڏاڻـو
آڏـــت هـــاڻ اجـــايو آ!.
منهنجـــو روح رمـــايو آ....
ڏَـــڙِ ڏَـــڙِ، ڏَـــڙِ ڏَڙِڪـــي هينئـــڙو
راڳـــــيءَ روڳ رســـــايو آ
منهنجـــو روح رمـــايو آ....
تِـم تِـم، تِـم تِـم، ڏانـڊاڻي جيـئن
لئـــونءَ لنـــونءَ مـــچ مچـــايو آ
منهنجـــو روح رمـــايو آ...
نَس نَس ، مسَ مسَ مرڪـي آهـي
پـــريتم پـــاڻ پســـايو آ
منهنجـــو روح رمـــايو آ....

بهارن
ڪي
چئجو

سنگتين جا سهڻا ساٿي
مون تہ وڃايا مستيءَ ۾!
ڪوتہ هجي.

نگر نگر جو ننگو ماڻهو
هوڏ ڪري تو هستيءَ ۾
ڪوتہ هجي.

پئسي ڪارڻ پوڄارڻ ۾
پيار وڃايو پستيءَ ۾!
ڪوتہ هجي.

بهارن
کي
ڄڻجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماري ماري هليا، هوءَ ڪونج پلا ڇو؟
رو رو منهنجا روح
سڏڪي سڏڪي روا!
جنهن کي موت ماري نہ سگهيو مان سوئي پاڇو
سڏڪي سڏڪي روا!
هاءِ نہ ڄاتم جنهن کي پاتم، وڇڙي ويندو سو
سڏڪي سڏڪي روا!
سانوڻ! منهنجي آنسن کي توڇو نہ سڃاتو
سڏڪي سڏڪي روا!
مينهن وُٺا، او نينهن مُٺا، مان توکي ڳوليان ٿو
سڏڪي سڏڪي روا!
مومل تنهنجي ماڻي کي، راڻي ئي نہ ڄاتو
سڏڪي سڏڪي روا!
گهايل هرڻي توجيئن منهنجو من پي آ پياسو
سڏڪي، سڏڪي روا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪُن ڪُن ۾ ڪهرام متو آ، نائو جا رکوالا جاڳو
ڪن ڪن ۾ ڪهرام.
اکڙيون کولي، ڪرڙا موڙي، ماڻهو سڀ متوالا جاڳو
ڪن ڪن ۾ ڪهرام.
پورب کي پهرائي آهي، جوالا ڄڻ ور- مالا جاڳو
ڪن ڪن ۾ ڪهرام.
زور آور زنجيرون توڙي، کولي دل جا تالا جاڳو
ڪن ڪن ۾ ڪهرام.
قوروپر ۾ بيٺا آهن، تاڻي بڙڇيون پالا جاڳو
ڪن ڪن ۾ ڪهرام.
تنهنجي دم سان، نيٺ تہ ٿيندا، اوپر ۾ اجيالا جاڳو
ڪن ڪن ۾ ڪهرام.

بهارن
کي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هوت هلين تون پير پري، مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
ڪو پئو ناهي پر وارن جو جي ڇم ڇم ڇمڪا ڇير ڪري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
اڄ بادل بيهي برسيو آ، اڄ سرتا، توريءَ ڪين سري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
جي جاڳ اسان جي واڳ وٺي، پوءِ ڇا ٿيو جي آ پنڌ پري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
هي ڪوڪ ته ڪسٽي ناهه ڪڏهن، پل ڪوئل ڪوئي قيد ڪري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
پوءِ جڳ مڳ جڳ مڳ ڌرتي آ، جنهن ويل لهوءَ جي لاٽ ٻري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
سؤ ڪيپ چڙهن سرواٽن تي، جي طوفانن ۾ تيرُ تري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
هيءُ ٻيجل تنهنجو ٻانهو آ، جو راءِ جيان سِرُ ڌار ڌري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.
مون منزل اهڙي ماڻي آ، جت ڏينهن تپي جت رات ٺري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روپو راند وڃائي وينو سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو
تون ڇا ڄاڻين تنهنجي آئي، من تان غم جو بار گهٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو.
محفل ۾ مانڌاڻ متو آ، ڪير بچيو ۽ ڪير ڪٽيو
سوئي دلڙي داءُ ڪٽيو.
سوڍي ريءَ سنسار سجو آ، لوڪو هاڻي لوڙهه لٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو.
هر سو موتيو مهڪي پيو آ، شايد ڪي منٽار مٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٽيو.
روپو راند وڃائي وينو روپو راند وڃائي وينو.

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڦٽڪي ڦٽڪي ٽڪجي پيو آ، هارايل انسان الا،
موت منهنجو مهمان الا،

اڄ موت منهنجو مهمان!

اونداهيءَ جي انت- تري ۾، گهايل من جو گيان الا،

موت منهنجو مهمان!

تر جو تڙڪو ڪونہ سمجهي ٿو اونداهو ايوان الا،

موت منهنجو مهمان!

پل جي پاڇي ڪارڻ ماڻيم، سوري سيج سمان الا!

موت منهنجو مهمان!

جيون جوالا بڻجي جرڪيو شعلن جو شمشان الا!

موت منهنجو مهمان!

هاءِ حياتي ڏنگ ڏکن جو سورن جو سامان الا!

موت منهنجو مهمان!

پريم امر آ، پريم تہ آهي ماڻهوءَ کان بہ مهان الا!

موت منهنجو مهمان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڏيئڙو ڏيئڙو ڏاهه ميان، اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
جا وات سڄي مون ورجائي، سا ست بڻي سوداءُ ميان!
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
جي جاڳ اسان جي وات وٺي، پوءِ گهوريو سڏسماءُ ميان،
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
مون پيار ڏنو پرياءُ ڏنو تو پيڙا ۽ پڇتاءُ ميان،
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
مون موت کي جوت بڻايو آ، ڇا تِڪَ هجي ڇا تاءُ ميان
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
هي نيڻ اڇايل آس وندا، ڇڻ سانوڻ جو سوداءُ ميان
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
مون روح کي رات بنايو آ، تون هڪڙو پيرو آءُ ميان
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
هي درد مليو دل وارن کان، مون در در لاتو داءُ ميان
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
هي سمنڊ مٿان کي سونهن - پکي، هو ڦيڻ پريو ڦهلاءُ ميان
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!
هن چنگ جو ڏنگ ڏهوڻو هو - جن گهورن جو گهراءُ ميان
اڄ هيرن منجهه هڳاءُ ميان!



بهارن
کي
ڇڏجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڪنهنجو ويٺو جاچين دڳ، اي سانولڙا!
ڪاٽي ڄائين، ڪاٽان آئين، ڪونہ ٿيو تو جهڙو اڳ.
اي سانولڙا!
ڪنهن جو اونو ڪنهن لئہ آتو ڪنهن لئہ مٺڙا آهين مڳ۔
اي سانولڙا۔!
تنهنجي آئي، تنهنجي سائي، جرڪي پيو هي جهوريل جڳ
اي سانولڙا۔!
جنهن جنهن ڄاتو تنهن ئي پاتو سنڌوءَ مان سوپيا جو سڳ
اي سانولڙا۔!
سنڌڙي جي، ها سنڌڙيءَ جي سيني تي آهي سچو سڳ سرڳُ
اي سانولڙا۔!
تون ڪنهنجو ويٺو جاچين دڳ،
تون ڪنهنجو ويٺو جاچين دڳ،
اي سانولڙا۔!

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ آڳ لڳي آڪيري۔ يَرَ اڄ آڳ لڳي آڪيري ڪي!

ڪڪ پن، ڪانا رک ٿي ويندا، دوست بچايو ديري ڪي
اڄ آڳ لڳي آڪيري ڪي۔!
ڏائڻ بڻجي ڪائڻ آيو بکيو باشو ڳيري ڪي
اڄ آڳ لڳي آڪيري ڪي!
زور آور سان زور لڙائي، ٽوڙيو هيڪر گهيري ڪي
اڄ آڳ لڳي آڪيري ڪي!
جل جل جوتي، جيتي وٽ تون، اونده ڪار انڌيري ڪي
اڄ آڳ لڳي آڪيري ڪي!
سنڌڙي جي هڪ وار سڙي وئي، سڪندين پوءِ سويري ڪي
اڄ آڳ لڳي آڪيري ڪي
هئ اڄ آڳ لڳي آڪيري ڪي.

بهارن
ڪي
ڇنجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير پٽون هر پانڌيئڙي جا
منزل جو ڪو ايڙ نہ پيڙ.

وک وک تي واسينگ وراڪا، سمجهي رکجانءِ پنهنجو پير
پير پٽون هر پانڌيئڙي جا.
منهنجو جيءُ جوالا آهي، واچوڙن سان منهنجو وير
پير پٽون هر پانڌيئڙي جا.
سورٺ کي سمجهائڻ ڪهڙو راءِ بنا سر ڏيندو ڪير
پير پٽون هر پانڌيئڙي جا.
جنهنجي ويٽي جڳ کان ٻيٽي، ڳيرو سوئي آهي ڳهير
پير پٽون هر پانڌيئڙي جا.

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون چوپڙ راند رهين ها،
مات مٿان تون مات سهين ها،
پوءِ تون منهنجو پيد لهين ها،
پوءِ تون منهنجو پيد لهين ها۔
پل پل جت پچتاءَ ۾ گذري
ان ڌرتيءَ تي ڪيئن رهين ها۔
پوءِ تون منهنجو پيد لهين ها۔
در در جيڪو دار آڏائي
تنهن ٺوڳيءَ سان ڪيئن ٺهين ها۔؟
پوءِ تون منهنجو پيد لهين ها۔
جي تون منهنجا گهاوَ ڏسين ها
ڳل تي ڳوڙهو تي نہ وهين ها
پوءِ تون منهنجو پيد لهين ها۔
جي تون قهري ڪوٽ هجين ها
ڍوهين سان گڏ تون بہ ڍهين ها،
پوءِ تون منهنجو پيد لهين ها۔

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين رڪياسين ڪين جهڪياسين
توڙي اوڪو پنڌ، سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ.

پيار ڪي پيجري ۾ جو پالي، تنهن جو ڪوريو ڪنڌ
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ.
سهسين سورٺ جهڙيون پوءِ پي- سورٺ سورٺ سنڌ
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ.
هڪڙو هوشو ڪيريو ليڪن هوشو آهر هنڌ
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توتـــان جنـــدڙي گهـــوري ڙي
سنڌڙي، تنهنجي سينڌ نہ اجڙي!

اسـين اهـي ئـي مـارو تنهنجـا
اسـان ئـي صـديون جـاڳي تولئہ
تـــارن جـــي وٽ ســـوري ڙي
سنڌڙي، تنهنجي سينڌ نہ اجڙي!

اسـين اهـي ئـي چـارڻ تنهنجـا
اسان ئي سر جي سئين هنئين هو۔
اســـان ئـــي ويڙـــا چـــوري ڙي
سنڌڙي، تنهنجي سينڌ نہ اجڙي!

اسـين اهـي ئـي راڻـا تنهنجـا
اســـان ئـــي مومـــل مـــاڻي لا
اسـان ئـي ڪـاڪ ڪـوري ڙي
سنڌڙي، تنهنجي سينڌ نہ اجڙي!

اسـين اُهـي ئـي سـانگي تنهنجـا
اســان ئـــي ســـنڌو تنهنجـــي ڌارا
اســـــان ري ســـــنڌ اڏوري ڙي
سنڌڙي، تنهنجي سينڌ نہ اجڙي!

بهارن
کي
ڇئجو

اسين ئي جام تماچي تنهنجا
اسان ئي مارئيءَ جا متوالا
اسان جي سورٺ نوري ڙي
سنڌڙي، تنهنجي سينڌ نہ اجڙي!

اسان اهي ئي هوشو تنهنجا
اسان هئي تنهنجي مٿي ماءُ
پنهنجي رت ۾ توري ڙي
سنڌڙي، تنهنجي سينڌ نہ اجڙي!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهيان، آءُ ڪٽي اجل
آءُ يي او اجل!
جهوليءَ پاتم يادن جا ڪي ڪومايل ڪنول
آءُ يي او اجل!
پن پن جي پرچائين جاڳي، جاڳيا پياساپل
آءُ يي او اجل!
پير پير ۾ پائي آئي تنهنجي ياد مٽل
آءُ يي او اجل!
اکڙيون روئن اکڙيون جاڳن اکڙيون هاءِ اجهل
آءُ يي او اجل!
خاڪ جا ٿيڙا بڻجي اڏريا من جا ڪاڪ محل
آءُ يي او اجل!

تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهيان
تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهيان
آءُ ڪٽي اجل!

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ياد ايئن جيئن رڻ ۾
تارن جو ڪو مچ ٻري
ڪو ڪيئن ڪري-؟

منهنجو جيون ماڻو جهڙو
روح ۾ رچ جي لاٽ تري
ڪو ڪيئن ڪري-؟

تنهنجي چاهت اهڙي اوکي
جهڙو مونکان چنڊ ٻري
ڪو ڪيئن ڪري-؟

ساعت ساعت سوريءَ جهڙي
توريءَ منڙا ڪانه سري
ڪو ڪيئن ڪري-؟

اوکا الڪا من کي مارن
سرتا، سڏڪا ساهه ٻري
ڪو ڪيئن ڪري-؟

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئي آيو سنڌڙي ڪارڻ سينگاري سنگيت ـ الا!
جيجل ٻيجل آيو آهي.

ڪيسين گهُٽبي ڏات ڏمر جي، ڪيسين گهٽبا گيت ـ الا!
جيجل ٻيجل آيو آهي.
ڄاڻ ڀڳاسين ڪوٽ پراڻا، ماندو ٿيءُ نہ ميت ـ الا!
جيجل ٻيجل آيو آهي.
ڪليءَ ڪليءَ ۾ ڪرٽ ڇپيو آ، آخر ٿيندي جيت ـ الا!
جيجل ٻيجل آيو آهي.
باندي بڙچي بنيا تولئہ، ڌرتي جا او ڏئيت ـ الا!
جيجل ٻيجل آيو آهي.



بهار
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آجي تي نہ اڏام پنيوري،
آجي تي نہ اڏام!

مارئي ماريءَ تاڪ ۾ تنهنجي،
ڦهلايو آدام او چوري،
آجي تي نہ اڏام!
سونهن سدائين رهندي آهي،
لوڪن ۾ بدنام نہ دوري،
آجي تي نہ اڏام!
موهہ نسورو ناداني آ،
موڳو آهہ مدام او گهوري،
آجي تي نہ اڏام!
نينهن تہ ڪوئي ناتو ناهي،
عشق آهي آلام او پوري،
آجي تي نہ اڏام!

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿُڙَ تي ماڪوڙن جو ميڙ، ڇوڏن جو ڪو ناهي ڇيهہ
سرنهن سڪو آ سوڪهڙي تي.

ڏيهہ جو ڪوئي ڏوهہ نہ آهي، پورالو تي پيو آ پيڙ،
سرنهن سڪو آ سوڪهڙي تي.
ساٿو سورج سانجهيءَ ٽاٽي، ٿيڙ مٿان ٿو ڪائي ٿيڙ،
سرنهن سڪو آ سوڪهڙي تي.
مون تي ڪهڙي يار ميار اندر تي ويو آهي اڏيڙ،
سرنهن سڪو آ سوڪهڙي تي.

بهارن
ڪي
ڇئجڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَـچَ مڻـان ڪـي سَـچَ جـا سـاڪي آيـا ميـڙو ٿـاهي،
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!

ڪاريءَ ڪڪريءَ مان ڪا برسي لاٿَ لهوءَ جي آهي،
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!
پنـڌ پـري آ، پنـڌ پـري آ، آءُ لاڳاپـا لاهـي،
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!
جيسين دم آ، غم ئي غم آ، سانت سُڪن جي ناهي،
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!
تنهنجي منهنجي اک جو الڪو بيٺو سينو ساهي،
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!
اڄ جا سپنا ڪلهه جون يادون، ڪلندي چڙهنديون ڦاهي،
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!
مَـچُ تـ ڏاڍو مڇريـو آهـي، بَـچَ تـي بيٺـو بـاهي،
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!
ڪـا ڳالهـ مڙيـوئي آهـي!

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل تـي ڪنهنجـو وس ڙي جيـڏا!

دل تـــي ڪهـــڙو وس.

گـــاهن ۾ گلـــزارين ۾

مون تنهنجو ڳوليو گس ڙي جيڏا

دل تـــي ڪنهنجـــو وس.

ڏينهن ڪان، هيءُ نينهن پڇي ٿو

ڏهـــ ڏهـــ پيـــرا ڏس ڙي جيـــڏا

دل تـــي ڪنهنجـــو وس.

چاهـــ بنـــا چانـــڊوڪيءَ ۾ ڪـــو

جانـــب، نـــاهي چـــس ڙي جيـــڏا

دل تـــي ڪنهنجـــو وس.

هـــاءِ حيـــاتي، رڻ جـــو راڙو

جيـــون ڪهـــڙو جـــس ڙي جيـــڏا

دل تـــي ڪنهنجـــو وس.

دم تـــي ڪهـــڙو بـــانور متـــڙا

ســـاجن ســـگهڙو رس ڙي جيـــڏا

دل تـــي ڪنهنجـــو وس.

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽڪ ڪٽي جي ڪاڻ ڪُسي هي آدم جو اولاد
الا، آدم جـــــو اولاد.

مينڙُ ڳنان هي ڳُنئرو ڳُنئرو سخت جئين فولاد
هھڙو وهيڻو هاءِ هلائي عرش مٿي ارشاد
پاءُ سڳي کي پاءُ ڪهي پر، داد نہ ڪو فرياد
جنگ جهيڙي ۾ اڳ ڪان اڳرو امن سندو استاد
ٿاهي ڏاهي، ڏاهي ٿاهي، خالق پاڻ جلاد
هي دنيا جو ويري هن جي دم سان جڳ آباد
الا، هي آدم جو اولاد.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر بارش ۽ طوفان،
ڪير ڪڙو تو ڪڙڪائي؟

دروازي تي دستڪ ڏين تو
موت آهين يا ڪو مهمان؟
ڪير ڪڙو تو ڪڙڪائي؟

اونداهيءَ جو اونهون ساگر،
ڪيڏو بيوس آ انسان!
ڪير ڪڙو تو ڪڙڪائي؟

تڙ تڙ، تڙ تڙ پاڻي برسي،
گڙ گڙ گوڙين جو گهمسان.
ڪير ڪڙو تو ڪڙڪائي؟

هينئڙو هاريل هرڻيءَ جهڙو،
مينهڙو شعلن جو شمشان،
ڪير ڪڙو تو ڪڙڪائي؟

بوند بوند لئه واجهائي تو،
سَرسوَتيءَ جو هي سَنتان،
ڪير ڪڙو تو ڪڙڪائي؟

ٻاهر بارش ۽ طوفان،
ٻاهر بارش ۽ طوفان.

(جيل دوران اسپتال ۾ لکيل)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيت

بهارن
ڪي
ڄئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

ڀ واتن تي ويهي مون جوتي جلائي
لکين لڙڪ پوئي مون مالها بنائي
مون تولاءِ ساجن ڪيا سهج سايا
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

اهو گيت ڳاتئه جو ڳائي نه ڄاڻين
ڏکيو پيچ پاتئه، نيائي نه ڄاڻين
نه ڄاتئه ته ڇو لڙڪ مون تي لڪايا
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

ٽڙي گل ٿيا مکڙيون، مون توکي پڪاريو
ڪڙيا ڪئي ستارا، مون ڇرڪي نهاريو
اميدن جا ڏيئڙا، مون ٻاريا وسايا
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

مون کي ياد آهن مسرت جون پلڪون
ڪنهين جي اکين ۾ ڏنيون چنڊ جهلڪون
مگر اج خزان آ، اداسيءَ جا سايا
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جون بهارون ڪنهين ري نماڻيون
اميدن جون مڪڙيون، بي موسم ڪهاڻيون
جو پنهنجا پرايا، پرايا-پرايا
وري ياد آئين، وري نيڻ نايا!



بهارن
ڪي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـــــــريتم اوري آءُ_الا!
آءِ، گهڙي پـل ويهـ تـ مـٽجن گهـرا گهـرا گهـاءَ!

پهـر پهـر کـي پنهنجـا ڏکـڙا، پلکـ ۾ کـي پچتـاءُ_الا!
پـريتم اوري آءُ!
دل جـــي ويـــرانن ۾ ڦهليـــا، يـــادن جـــا ڦهـــلاءَ
مومـل جـي مسـتانن جـا هـت پهتـا ڪئـين پـڙلاءَ_الا!
پـريتم اوري آءُ!
الفـت کـي ڇـا روڪـي سـگهندا، انـڌيرا انيـاءَ
نيـٽ تـ پنڇـي مـوتي ايندا، ٿيندا شـل پرياءَ_الا!
پـريتم اوري آءُ!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪنــڀ ڪنــڊيري، پــرڙا ڪــولي،
هــاريو پنڇــي ڪنهن ڪــي ڳــولي؟
پاڳــل! جــنهن لئــ آس لڳــائي،
چنــڊ وســي ســو ديــس پرائــي.
پــوءِ يــي تڙپــي، پــوءِ يــي ڳــائي،
پــاپيءَ ســان تــو پريــت نيــائي.
جــوئــي گهــائي، جــوئــي رولــي،
هــاريو پنڇــي تــنهن ڪــي ڳــولي.

بهارن
ڪي
ڇنڊو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن تنهنجي رنگين محفل ۾ سائين
اداسيءَ جي تصوير بنجي مان آيس
ڏکاري ڇڏين ها ـ ڏکاري ڇڏين ها!

ڇ خاموش راتين ۾ هڪ سوال بڻجي
ڇ خوابن ۾ تنهنجي، پئي جي مان آيس
تون ماري ڇڏين ها ـ تون ماري ڇڏين ها!

ڇ يادن کان منهنجي جي ڇرڪي اٿين ٿي
تصور جي تهه ۾ لڪي جي مان آيس
وساري ڇڏين ها ـ وساري ڇڏين ها!

جوان تنهنجي محفل سدائين آ ساقي
فقط سرڪ ڪارڻ، سڪي جي مان آيس
پياري ڇڏين ها ـ پياري ڇڏين ها!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ايئن جيئن واريءَ تي
ڪنهن پباري جي پيرن جا نشان

پريت ايئن جيئن ڪنهن پوٽي تي
ٿئي پياسي کي پاڻيءَ جو گمان

جيون جهڙو سانوڻ ۾
ڪو چنگ چريءِ ساهه سري

موت ايئن جيئن موتئي جي
ڪا شاخ سريءِ ماڪ ڪري

مان وقت جو ويري ناهيان پر-
مان پريت جو پيري آهيان

جيون ڏين يا ڏيندي ڏکڙا
مرڪي توکان وٺندس مٺڙا.

بهارن
کي
چئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن من جو ڪوئي موتي
هر ڪنهن جيءَ جي ڪائي جوتي
پيار پري هن جڳ ۾ سائين

منهنجو ڪير؟
پپيهه تون!

”تن ٿڪرين“ جي ٽيرس تي جام مٿان ٿو جام چلي
منهنجي سامهون خالي ڪرسي جيئڙا ڪنهن لئه ٿو واجهائين

منهنجو ڪير؟
پپيهه تون!

ٻاهر بارش وڻ ٽڻ آلا، اندر موسيقيءَ جي جوالا
جوڙا جهوميا گيت اڏاڻا، سپنن سان ٿو دل وندرائين

منهنجو ڪير؟
پپيهه تون!

دور ڪان ڪائي آهٽ آئي، ڪنهن جي خوشبو هر سوچائي
بجلي چمڪي اڪڙيون ڦٽڪيون، هر هر دوکو چو ٿو ڪائين

منهنجو ڪير؟
پپيهه تون!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جي ميلي ۾ ڪوئي، من جي بن ۾ روئي روئي
پيار ڦڙي لاءِ ماندو آهي، ڇو تو پياسي کي تڙپائين
منهنجو ڪير؟
پپيهه تون!

باغيچي جي بينچ ۾ تي، هٿڙو هٿ تي ڳلڙو ڳل تي
پريمين جو ڪو جوڙو آهي، ڪيئن تو هشڪر سان ڇرڪائين
منهنجو ڪير؟
پپيهه تون!

دير ٿي وئي آ، هاڻي هلجي، ليڪن ڪيڏانهن؟ ڪيڏانهن هلجي
سارو شهر تہ ڏاريو آهي، ڏاريو در ڇو تو ڪڙڪائين
منهنجو ڪير؟
پپيهه تون!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـــــون اينـــــــدي آن-
تـــــون اينـــــــدي آن-

تـــون اينـــدي آن سـنگيت ڪٽـــي
منـــڙا منـــڙا گيـــت ڪٽـــي
منهنجـي مـن جـي جيـت ڪٽـــي
روســـامي جـــي ريـــت ڪٽـــي
تـــــون اينـــــــدي آن.

تـــون اينـــدي آن گهـــور بڻـــي
ســـانوڻ جهـــڙا ســـور بڻـــي
نـــس نـــس ۾ ناســـور بڻـــي
پـــاڇولن جـــا پـــور بڻـــي
تـــــون اينـــــــدي آن.

تـــون رات بـــ آهـــين رچ بـــ آن
امـــرت آهـــين اچ بـــ آن
پـــاپ بـــ آهـــين، پـــچ بـــ آن
تون جهونجهڪڙو آن جوت بـ آن
ڳٽتـــي آن ڳـــڻ ڳـــوت بـــ آن
مـــاري آهـــين، مـــوت بـــ آن
تـــــون منهنجـــــي آن.
تـــــون منهنجـــــي آن.

بهارن
ڪي
ڇئجو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات تڪيندي لات اجهاٽي
موتي ميت نہ آيو
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

من جا متڙا ڦول ڪوماڻا
پل پل جاڳيا گهاءَ پراڻا
ڳلي ۽ ڳلي ۾ تنهنجي ڳولا
گهٽي ۽ گهٽي آ گهايو
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

جاڳي جاڳي نيٺ تہ برسيون
هاءِ! نماڻيون ڪيڏو ترسيون
نينهن بنا هي مينهن جي ورکا
نيٺن نير وهايو
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

ڪوئل ڪوڪي ڪونج اڏاڻي
ٻيهر جاڳي پيڙ پراڻي
بڙچي بڻجي ڪڻچي گهائي
تن من آ تڙپايو
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات اوهان جي تات ۾ گذري
بادل بن برسات ۾ گذري
آس نہ ڄاڻين پياس نہ ڄاڻين
پرين ٿئين پرايو
دلڙي ڏئي مون درد پرايو.

وات تڪيندي لات اجهاڻي، موتي ميت نہ آيو لا،موتي ميت نہ آيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن پل ۾ تون وسري ويندين
چئہ، ٻيهر ڪاٿي ملندين؟



ڇاڻان ٿو تون منهنجو ناهين
ڪنهن جي ٻانهن ۾ ئي ڪلندين
چئہ، ٻيهر ڪاٿي ملندين؟
شام جڏهن شمشان ٿي ويندي
جيءَ ۾ جوالا بنجي جيئندين
چئہ، ٻيهر ڪاٿي ملندين؟
اکڙين جي آڳنڌ تي ڪر موڙي
خوابن جي خوشبو ٿي گهلندين
چئہ، ٻيهر ڪاٿي ملندين؟
يادن جي وادين ۾ پيهي
موهہ منجهان مرڪي تون ٽلندين
چئہ، ٻيهر ڪاٿي ملندين؟

بهارن
ڪي
چئبو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون بن منڙا سائين مون کي، برکا رت نا پائي،
ڇا لئہ دير لڳائي، ڪوئي ساجن کي سمجهائي،
ڪوئي ساجن کي سمجهائي!

مانجهي، منهنجي من تي ڪوئي بادل بنجي ڇائي
غم جي غاگر ڇلڪي ڇلڪي نير اکين مان نائي،
ڪوئي ساجن کي سمجهائي!
ٿهڪ ٿهڪ ۾ چهڪ هزارين، مرڪ لڙڪ ڦهلائي،
بڙڇي بڻجي آس اوهان جي گهڙي گهڙي ڄڻ گهائي،
ڪوئي ساجن کي سمجهائي.
جنهن لئہ ڪوئل ڪوڪي بن ۾، جهرڻو جهانجهہ وڄائي،
شال اچي جو مرڪي منهنجي خوابن کي مهڪائي،
ڪوئي ساجن کي سمجهائي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات کـــــــي ڳـــــــولي ڏيـــــــنهن
الا او ڏيـــنهن تـــ جـنهن جـو نيـنهن نمـــاڻو آ.

تـــو بـــن متـــڙا ميـــت
الا، او ميـــت مـــڏر ســـنگيت اڏاڻـــو آ.

بـــادل منهنجـــا پيـــاءُ
الا، او پيـــاءُ پنهـــي جـــو گهـــاءُ پراڻـــو آ.

راتـــين جـــا رولاڪ
الا، رولاڪ نـــ ڪـــوئي ٿـــاڪ ٽڪـــاڻو آ

چانـــڊوڪيءَ جـــا چاهـــ،
الا او چاهـــ، اســـان جـــو ســـاهه ســـياڻو آ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيار هجي ها پرچائين، مان ڳلئ ڳلئ ۾ ڳوليان ها
مان نيٺن نير وهايان ها، مان دل جا موتي روليان ها.
جي پيار هجي ها پرچائين.

جي پيار هجي ها پرچائين مان راتيون جاڳي روئان ها
مان تارن کي ترسايان ها، مان ڳوڙهن سان ڳل ڌوئان ها.

جي پيار هجي ها پرچائين مان سکين کي سمجهايان ها،
اندر جي اوسات الا مان آنسن سان ئي ٻجهايان ها۔
جي پيار هجي ها پرچائين

پر پيار تہ ناهي پرچائين۔ هي جيون پر جي جهوري آ
پنهنجي سيني کي چيري مون، پنهنجي دل ئي ڪوري آ
هئہ دل جي بستي اجڙي آ، مون ساري دنيا گهوري آ
پر پيار تہ ناهي پرچائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورسٽي سنڌي پبليڪيشنس

ڪراچي يونيورسٽي

ڪراچي

Digitized By M.H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com